

شيخ
اياز

# ڪي جو ٻيئجل ٻوليو

(سنڌي ڪلام جو مجموعو)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1987ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چورانوي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | سيپٽمبر 1970ع |
| ٻيو ايڊيشن | مئي 1987ع |
| ٽائيٽل | فتاح هاليپوٽو |

قيمت 25/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

KI JO BIJAL BOLYO (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1970 Second Edition May 1987. Price Per Copy Rs. 25/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ديس جي عظيم محب وطن
محترم جي. ايم. سيد
جي نالي

”سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامي ۽ روءِ.“ — شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪي جو ٻيجل ٻوليو، ٻڌيءَ وڌهي ٻاڻَ“...

(ڀٽائي — سورٺ)

# فهرست


مهاڳ- (۱-۳۸)

• منظوم ڊراما [۹-۵۴]

دودي سومري جو موت ۹
رني ڪوٽ جا ڌاڙيل ۳۷

• گيت ۽ وايون [۵۵-۷۰]

ڪنڌيءَ نہ سگري، پير نہ پلڙو.... ۵۷
ڪيڙو ڪيڙو ڪوهہ ڪرين!.... ۵۸
جيجل منهنجو جيئڙو!.... ۵۹
ڪاريءَ ڪنڌيءَ تان ڪنهن جا پہ ڏيئا.... ۶۰
باک ڦٽيءَ جو بانورا!.... ۶۱
هٿہ هٿہ پيريون چاگريون!.... ۶۲
هٿہ هٿہ منهنجي چولڙي.... ۶۳
تون لنوائيندين پہ مون کي ڪيستائين؟.... ۶۴
وٽ جلائي ويهہ!.... ۶۴
گهر گهر جوت جلائي.... ۶۵
او ڪانڌ مر ڪونجڙيو!.... ۶۶
چوري پنوءَ نہ ڪيتڪي.... ۶۶
گيا گهر گها گهر گهاٽ.... ۶۷


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپ ڪپر تي ناوَ، چنڊ پيو اپري!.... ٦٧
آڌا لڪَ ته ڏس!.... ٦٨
هيءُ نيرو آڪاسُ.... ٦٨
ڪنبُ نه تون ڪاپائتي!.... ٦٩
ڳاڙها ڳيرو آئيا.... ٦٩
ونجهه تکيرا وانجهيو!.... ٧٠

## غزل

[٧١-٩٨]

سکي هوا ۾ هڳاءُ آهي.... ٧٣
چٽ پورا ڪيا ڳهڙي تي مون.... ٧٤
لاڙ تنهنجي لڳي آهيان لالٽا!.... ٧٤
ساڳئ پنهنجي پڙلي، سنڌ پوءِ پيي پلي.... ٧٥
هاڻ منهنجو هرڻُ.... ٧٥
جا خدا ڪان نه تي، جا نه امڪانَ ۾.... ٧٦
تي املتاس تان ڪوڪ ڪويل ڪري.... ٧٧
جهوپڙي پاهران رات جهانجهر وڳي.... ٧٨
پيچل سواءِ پي ته لڪا ناهه لوڪ ۾.... ٧٨
هيءَ هرڻ بانورو ڪيسٽائين هجي؟.... ٧٩
پهه تي نينگريون، چانڊنيءَ ۾ پتڻ.... ٧٩
ڪنوڄ ڪرڪي پٽي ڪا اُتر پار جي.... ٨٠
ڏور تيندا وڃن روز جو ڳيڙا.... ٨٠
ڪيت ڪنورا تيا، ڏينهن ڏاڍا تتا.... ٨١
تو جلي هي جبلُ، لوءِ هوريان ته هلُ!.... ٨١
رات جي رانيءَ ڪٿي ڦلهار آ.... ٨٢
اڄ ڏسي ڳاڙها ڪڪر آڪاس ۾.... ٨٢
هيءَ سيارو، هوا، منهن تي مات!.... ٨٣
شاعري جي روحُ ڳرمائي نه تي.... ٨٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر دائم آهي تہ درياهہ آ.... ٨٤
ڪي مالُ ٻيڙن، ڪي آڪڙن تا.... ٨٤
تو لئہ تڪيندي ڏيئا اَجهاٽا.... ٨٥
هوندي مايا اَپرمپار.... ٨٦–٨٧
آڏيءَ اُٿي تا هُو گيت جوڙن.... ٨٨
آڪاس نيرو، نرمل اَجالا!.... ٨٩
راتڙ وارن ڪي وري چنڊڪو ڏئي.... ٩٠
اُجا ٻہ نَڪل تي هيا نڪتاٽا.... ٩١
تِڪا ڪيئن نہ ماري ويا تاڙ ۾.... ٩١
نہ موٽو گهڙيءَ لاءِ گهاتو ڏئي.... ٩٢
تنيءَ ۾ گهڙو ڪا پري تي پئي.... ٩٢
پيلا پنڌ هيئن ڪو اُپهرو ڪري!.... ٩٣
ويچ! تون چو نہ تو ورائين پانهن؟.... ٩٣
نتي جي هوا ۾ گلابي بدنُ.... ٩٤–٩٥
تُون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اڃا.... ٩٦
ڪيچ ڏي آءُ چو تي ڪهان، اي اديون!.... ٩٦
تني ماڪ وسي ميخاني تي.... ٩٧
جي هاڻ نہ هارين، ڪوهيارَ لَ!.... ٩٨

• نظم [٩٩–١٢٨]

طوفان اچا تہ پري آهي —.... ١٠١
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان —.... ١٠٢–١٠٤
چا سوچان تو مان، ڪيئن چوان!.... ١٠٧
'تون ڪير؟'.... ١٠٨
اڄ گوڏي جيڏو مينهن وٺو.... ١٠٩
هيءَ بيت آٿي، هي ٻہ گولو.... ١١٠–١١١
دل روز چوي ٿي دُور وچان.... ١١٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ڪوناريءَ جئن ڪيتي بندر.... | ١١٣ |
| لاڙي وينگس.... | ١١٤ |
| واڙيءَ ۾ ويڙهاند ڪيائون.... | ١١٥ |
| موت تنهنجو جلاوطن ماڻي!.... | ١١٦-١١٧ |
| ڦُولان هڪ ماچاڻي هئي.... | ١١٨-١١٩ |
| ڪاري رات، ڪُوپري ڦُڙ ڦُڙ.... | ١٢٠-١٢١ |
| ڪارو ڪانگ پريان پُونم ۾.... | ١٢٢ |
| گهايل سُوار ڪي.... | ١٢٣ |
| هو چون ٿا.... | ١٢٤ |
| جت لُڪ لڳي، جت اڪ تپن.... | ١٢٥-١٢٦ |
| ڪٿي تہ پيچبو ٽڪ.... | ١٢٧ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪي جو ٻيو ڀاڱو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ماءُ، منهنجون چڳون نہ وڍ! وڍيل وڻ تي
بازُ نہ ويهندا آهن.

(هڪ پشتو لوڪ گيت)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي منهنجي ماءُ!

•

مرنداسپي تہ متيءَ مان پنهنجي قتندا سرخ گلاب....

•

پري پري پيءُ، جيسين جيئين، گهڙيءَ گهڙيءَ جو جام....

•

جيون-نيا منڙي سڙ ۾ پٽيي ڪجهہ ڳائي....

•

ترس اي حسن ازل، اڄ تہ منهنجو روح رججي ٿي ٿو!

•

اي زمانن جا ضميرا تنهنجي ڪهڙي منزل مقصود آ؟

•

راتڙي، هيءَ نور جي برساتڙي....

•

مسافر سوين ڪاروان عدم جا، ڪٿي سڀ الائي ويا، ڪير سمجهي!

•

تو تان واريان جند، منهنجي منڙي سنڌ!

•

ڪنهن جي لاءِ ڪماچ، صديون رهيو سانت ۾؟

•

تو جا سمجهي سيٽ، سا آگ آتي انمول....

•

سنڌڙي تنهنجي ساهہ جرڪيو منهنجي جيءَ ۾....

•

روئي پيئي رت، سڏڪا پري سنڌڙي....

•

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو؟

•

اوري اڄ تہ آگهان، ڳوڙها تنهنجي گل تان....

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال وسن او سنڌڙي، تنهنجا ڪيٽ وسڻ!

•

ڪانئر ڳولي ڪالهه، سياڻي سرويچ جو....

•

ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙيءِ جندڙيءَ لايان....

•

سنڌڙي، مون کي سڌ نه ڏي، تون ڇپ ڇو آهين، چاهي!

•

اي ڏورانهان! ڏسڪي تو ڏي ڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٽان؟

•

سنڌڙي تنهنجو ساههِ "اياز"، مري نه ٿيڻو آهي مات....

•

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن، ماروئڙؤ! او ماروئڙؤ!

•

ٻولي ڳولي ناهه "اياز"، اُن جو وس فقط واڪو....

•

تنهن جيئڻ کي آڳ لڳاءِ، جنهن ۾ ناهه ڪَرَم جو قدُر....

•

او منهنجا محبوب وطن! تو سان ساڳيو لونءَ لڳاءُ....

•

سهنجو سمجهه نه سيٽ کي، نور نچوئي لڪ!

•

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، ٻوءِ ٻه نعرا ڌڻهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳند، مرنداسين پر مرڪندي!

•

هڻ ڳهڙيءَ، هڻ ويڙ، هندي ڪانئي موٽ ڏي؟

•

سنڌڙيءَ شاهه لطيف جي، اهڙ نه ڪو لوڏو....

•

سڪ نه سيري سنڌڙي، اُبري سچ لٿا....

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهاٽ مٿان ڳهنگهور ڳهٽا ۾ اڄڪلهه جو انسانُ....

•

سانپيا ۽ سپني ۾ ويچا جو ٻه ميٺائي، ٻول اُنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان....

•

ڳاڙها ڳاٽ، سگهارا ڳڀرو، پنڌ، ٻرينءَ جو ڀُور،
الو ميان! ديسُ نه دل کان ڏُور....

•

سَنڌَ سهانگي، مٺ مهانگو، سر جو سودو ڪير ڪري!
ـــ موکي ويني سَٽَ پري!

•

ڳڀرو ڳڀرا، ديسُ اسارو، موڳو منهنجو مَنُ....

•

عشق عقاب، پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي تو جهٽي!
ـــ ڪير اُنهيءَ کان ڪٽي؟

•

سنڌڙي، تنهنجو نانءُ وٺي، چڙ ڪاريهر تي پير پيو....

•

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ "اياز" نه مرٽي آ!

•

هي ماٺهو وهه جو ڏُڪڙ ٿيا، جنهن لُڪڙ لڳي تنهن رُڪڙ ٿيا....

•

ميهار ملڻ جي ويلا آ،
ڪر ڳانهه ڳهڙن ۽ ڳهيرن جي،

—

ڳُجري توتي، ڳَچ نه آ، پر
جهڙ ۾ ڪاوا جهڙا ڪڪ ـ چِرَ تي چوهُ، چمر جا پاچا....

—

تانگهه نه تاڙي تانگها ٽڙ، اوُتڙ آءُ ميان!....

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون تہ ڪنڌيءَ جو ڪانڌ ميان،
هاءِ ڪنڌيءَ ۾ منهنجو من!....

---

اوءِ ڪجري ڳُجُھ، پير هوريان تہ ڌر،
هاءِ ڳهاڳهر نہ ڇڻڪي پوي!....

---

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!....

---

جنهن وقت بہ ڪو، مون ڳيت ڇيو، هن ڌرتيءَ جو
ڇڻ ڪوئي قرض چڪو آهي....

---

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪٿهي،
ماڪ ۾ مينڌرا ڪاڪِ روئندي رهي!

---

چنڊڙ پَن وڇوڙيل يار، ڳالهہ تہ هڪڙي ٻڌاهي....

---

ڪنول ڪنول تي تنهنجا ڳل، ٽيندي ماڪ مهل....

---

انڌو آپ انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳات اسان....

---

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو آپ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن بہ ايندو!....

پنهنجي پنهنجي ڏينهن ۾ توڙي پوءِ ھي ئي اهڙيون ڪيتريون ئي منڌيءَ تي ٽيڪ جيئن جڙيل هيرن جي لڙهين ۾ پڙتل سيتون سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ مصروف نوجوانن، اديبن ۽ ادب سان واسطي رکندڙ هزارها مائهن جي ورد زبان رهيون ۽ انهن لاءِ

عڪاسي هن مجموعي جي باقي شعر جي گهڻي ڀاڱي ۾ پڻ موجود آهي. مثلاً، هيئيان گيت، غزلن ۽ نظم اِن سلسلي ۾ پڙهي سگهجن ٿا—

هٺ هٺ ڀيريون چاڙيون!
هٺ هٺ آرتيون آگريون! (ص. ٦٢)

●

وٽ جلائي ويهه!
آئي رات آماس جي.... (ص. ٦٤)

●

گهر گهر جوت جلائي،
سانجهي آئي.... (ص. ٦٥)

●

آڏا لَڪَ تہ ڏس!
چنڊ پيو آيري.... (ص. ٦٨)

●

ڪنب نہ تون ڪاپائتي،
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪنبنديون! (ص. ٦٩)

●

ٻاڙها ڦيرو آئيا—
دولهہ منهنجي ديس جا! (ص. ٩٠)

●

ونجهہ تکيرا وانجهيوا!
گهاٽ پري آهي.... (ص. ٧٠)

●

چيٽ ٻورا ڪيا گهڙي تي مون،
ڏس، نهائين اجا تتيي نہ تتيي! (ص. ٧٤)

●

شاعري، جي روح گرمائي نہ تي.... (ص. ٨٣)

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر منزل کان اڳتي وڃ!
ڪنهن منزل تي بيهه نه ٿار! (ص. ٨٧)

•

تي ماڪ وسي ميخاني تي،
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا.... (ص. ٩٧)

•

ڇا سوچاڻ تو مان! ڪيئن چوان! (ص. ١٠٧)

•

دل روز چوي تي دور وڃان.... (ص. ١١٢)

•

گهايل سوار ڪي
ڪارا ڪميت تون
ڪيڏانهن نيندين!.... (ص. ١٢٣)

•

جت لُڪَ لڳي، جت آڪَ تپن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙي! (ص. ١٢٥)

•

ڪٿي نه پيڇبو تڪ،
مسافر،
ڪٿي نه پيڇبو تڪ!.... (ص. ١٢٧)

ادب ۽ فن جا ڪي نقاد اعليٰ ادب ۾ اِنهيءَ نموني "پنهنجي وقت جي مسئلن جو ذڪر پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ" نه رڳو غير ضروري پر معيوب سمجهن ٿا، سندن راءِ موجب، ادب ۽ فن جي آفاقي ڪيفيت زمان ۽ مڪان جي اهڙي تعلق سبب قائم رهي نٿي سگهي، هنن جو چوڻ آهي ته ادب ڪنهن خاص قوم يا ڪنهن خاص وقت لاءِ نه بلڪ عالمي اهميت جو ۽ مستقبل يعني ايندڙ نسلن لاءِ هوندو آهي. هو ادب جي سماجي ڪارج کان گويا هٿ

ڏني ويو هو. اياز پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪتابي ٻوليءَ مان ڪڍي ۽ عوامي ٻوليءَ سان مالامال ڪري، اُن کي اِيڏي وسعت ۽ تازگي ڏني آهي، جو سنڌي شاعري سمورا بند ڀڃي هڪ ڀيرو ڀهر اڳتي وڌي آهي، ۽ اُن مان نوان لفظ، نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيا هٿ ڪٿائي نه آهن ۽ اُن جي فڪر ۽ جذبي جي اجهل پالوت هاٿي ٻيهٽي ٿي نه آهي.

آخر ۾ مان هي لکي اياز جي هن ڪلام جو هيءَ مهاڳ ختم ٿو ڪيان ته شايد ٿي ڪنهن شاعر پنهنجي شعر ۾ فن ۽ انقلاب ٻنهي کي ايترو هڪ وقت اُڀاريو ۽ اُجاگر ڪيو هجي، جيترو اياز ڪيو آهي. نئين انقلابي سنڌ اِن جي جيئري جاڳندي ثابتي آهي ته ڪيئن هڪ عظيم انقلابي شاعر پنهنجي فن جي ذريعي قوم جي تقدير ڦيرائي سگهندو آهي. سنڌ جي امر شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فن جي مقصديت جي باري ۾ ڪهڙو نه چڱو چيو آهي—

ريءَ مصلحت مڱڻا، قصر ڪين اچن!

حيدرآباد سنڌ
٢١-٧-١٩٧٠ع

م-ا-ج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دودي سومري جو موت

(منظوم ڊراما)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڏکڻ ڦوريون

[خيمي ۾ شمعدان ٻري رهيو آهي. چنيسر شراب پي رهيو آهي ۽ چنيسر جي سرِيت، ڇولي ڪنيارڻ، نچندي ڳائي رهي آهي.]

جيئو جيئو، پيئو پيئو!
ڇَنن ڇَنن ڇَن ڇَن—
ڪاري رات، اُڀرو ليئو!
ڇَنن ڇَنن ڇَن ڇَن—
تنڪي نيڻ وساسي ڏيئو!
ڇَنن ڇَنن ڇَن ڇَن—
پيئو پيئو، جيئو جيئو!
ڇَنن ڇَنن ڇَن ڇَن—
ڇَن ڇَن، ڇَن ڇَن، ڇَن ڇَن، ڇَن ڇَن—
ڇَنن ڇَنن ڇَن ڇَن—
ڇَن......ڇَن......ڇَن—

چنيسر (ڪيپ ۾ اچي)—

هر شيءِ اڇڻي وڃڻي آهي،
هر شيءِ پيري پڄڻي آهي.
جيڪي آهي سو هي پل آ،
موت اٽل آ، موت اٽل آ—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت اسان جو ٻاچو آهي،
ڪارونجهر آ ڪاڇو آهي،
منڇر آهي، ميانئي آهي،
ساوڻ جي سومهياڻي آهي،
ويساکيءَ جي ويرا آهني،
تنهنجا سُنهنجا پبرا آهي،
توسان مون سان چايو آهي،
اڻ ڇاتي مان آيو آهي،
اڻ ڇاتي ۾ وڃڻو آهي،
ڪنهن جي مورَ نه ميڄو آهي.

هن ڌرتيءَ تي ڪيئي آيا،
جن ڌرتيءَ کي ناچ نچايا؛
اڄ ڪو تن جو نانءُ نه آهي،
ٿهر ڪٿي؟ ٿر ٿانءُ نه آهي-
پرڏيهيءَ جو پاڻ نه ڪوئي،
ميڏيءَ جو مانڊاڻ نه ڪوئي؛

هيئن چوي يا هيئن چوي ڪو،
موت ڏئي تو ڪنهن کي ٽيڪو؟
هر ڪو سڄڻ آسڄڻ ڪري تو-
ڪنهن ماڻڪ جيئن موت ٻري ٿو،

جنهن جي ٽيڪ حياتيءَ ۾ آ،
هر ماڻهوءَ جي ڇاتيءَ ۾ آ-
ڇا ڪو اهڙو پاڇوڪڙ آ،
پوءِ مٿان ڪو اهڙو پڙ آ،

جيڪو اُن کان آجو آهي؟
هر ماڻهو هڪ ٻاجو آهي،
جنهن جي سِر ۾ سوٽ پريل آ-
هَر پَل من تي مُنگُ ڌريل آ؛
جي هَرکنهن کي مرٽو آهي،
ڪو واپس ٻه نه ورٽو آهي،
ٻو هي سارا سَنڌ اجايا!
سارا گهڻڊ گهمڊ آجايا!
ڪُوڙو سارو آپو آهي،
ڪانو سَڀ جو ماپو آهي؛
ڏنڌ ونئي چا، ڏنڌ ڏئي چا،
ناسُ ڪري چا، ناسُ ٿئي چا!
ماڻهوءَ جا ايمان ٻه مِٽي،
آن ٻه مٽي، شانَ ٻه مِٽي؛
ڏوهيءَ جو ساٿيهُه ٻه ساڳيو،
ٻي ڏوهيءَ جو ڏيهُه ٻه ساڳيو.
ڇو جو هرڪنهن کي سَرٿو آ،
پنءَ جو اونهو پيٽ پرٿو آ-

[هڪ هٿ سان ڇولِيءَ
جي ڇڳ وٺي ٿو ۽
ٻئي هٿ سان صراحِيءَ
سان پيالو ڀري ٿو]

پل ته هُجي پوءِ لٿولو لڳو،
مٺي وَليءَ کان ڪٿو ڇڳو!

اي متواري، مٺئي پنڇاڻان
سچ اُبري تو، مان ڪئن چاڻان!
سڀڪجهه هيءَ جڳاٽو آهي،
چوڏس رات، چتاٽو آهي؛
سونٺي جي ٺهڪار به آهي،
ٻ ڪا ماڪيءَ آر به آهي،
تنهنجي تاريءَ جوڙي تن تي-
ساري رات انڌيري ٻن تي
ڪويل جي ڪوڪار چڱي آ؛
ٻ سا سندر نار چڱي آ
جيڪا، پنهنجا ڦل آڇي ٿي،
چار رسيلا پل آڇي ٿي.
تاڙيءَ ڏول ڪجيءَ جي وڻ ۾
ساري رات لڏي ساوڻ ۾،
رڇي وڇي تو اهڙو رس ۾،
آگ لڳائي تو نس نس ۾!
ڏاهپ. جنو آ ڏس اهنوئي،
جيئڻ جهڙو جس نه ڪوئي.
موت رڱيو انڌيارو آهي،
مٺڙ هڏن تي مارو آهي.

چولي —

ڇائين آءٌ ڪنيارڻ آهيان،
هونءَ ته ڪائي ڏاهي ناهيان
ير مون هڪڙي ڳالهه ڏٺي آ
- جنڊڙي مون ڪي پوءِ به مٺي آ-

آويءَ ۾ ڪيئن ٽانو پچن ٽا،
۽ ڪئن تن تي چيٽ آچن ٽا!
تن ۾ ڪوئي پيالو آهي،
ٿوري چوٽ آنهيءَ کي ڏاهي؛
ها، پر جيڪو پڪو آهي
تنهن جي پڪ به ڪنهن کي ناهي؛
گهڙا ڏنا مون ڪيئي ڪورا
گهڙاسنجيءَ ٽان ڪرندي پورا-
ها، پر پوءِ به 'گهڙولي' تن تي،
ٻاجهارن جي ٻولي تن تي،
ڪيڏي ٻياري لڳندي آهي!-
۽ متيءَ جي پيالي ڇا هي!
پر جي آن ۾ سڏ پريل آ،
ڙواهه ۾ ساري رات ترڻل آ،
ٻوئين ٻهر آنهيءَ جي سرڪي
پيتي آ جنهن مُرڪي مرڪي،
آن جي عمر سجائي آهي-
مٽي هڙنءَ آجائي آهي،
مٽيءَ وڏي معني آ سائين!
تم تم مٽيءَ ۾ ڇا آ سائين!

[چنيسر ڪجهه وقت ٿبيءَ ۾
اچي وڃي ٿو، ۽ پوءِ منهن
متي ڪري، چوليءَ کي ڪا
دير گهوري ٿو، ۽ هُن کي
ٻئي گيت ٻڌائڻ لاءِ چوي ٿو.
چولي هڪ واڻي ڳائي ٿي.]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولي — رَهُٺو آهي واسُ وجي
هونءَ تہ ڳَلُڙا روز چڱَن ٿا!

هيڪڙ تي هُبڪار هئوا ۾،
سارا پَوَ جا پوِلَ پجي-
هونءَ تہ ڳلُڙا روز چڱن ٿا!

پورا، وَڻُ وڻُ واسي ويندين،
جي تو مُنهنجي ڳالهہ مڃي-
هونءَ تہ ڳلُڙا روز چڱَن ٿا!

رَهُٺو آهي......

[راڳُ اُتي ۾ رُڪجي وڃي
ٿو. علاؤالدين خلجيءَ جو
سپهہ سالار، سالار خان، خيمي
۾ بنا اجازت گهڙي اچي
ٿو، ۽ چنيسر کي ٻڌائي
ٿو تہ ديودي آڻ سڄڻ کان
انڪار ڪيو آهي. چنيسر
هُن کي شراب جو پيالو
ڀري ڏئي ٿو، جو هُو هڪ
ڳيت ۾ سان پي وڃي ٿو.
۽ پوءِ پيئي دوڏي جي
چانوڻيءَ تي شبخون هڻڻ
جي سِٽَ سِٽن ٿا.... چولي
حيرت مان ٻنهي کي ڏسي
ٿي. ان وچ ۾ سالارخان شراب
جا ٽي چار پيالا ڳيت سان
پي وڃي ٿو ۽ نشي ۾

آچي چوليءَ کي ٻانهن
کان ڇڪي ٿو، ڇولي
هٿن کان پاڻ ڇڏائي چنيسر
کي چنبڙي ٿي.]

چنيسر (ٿهڪ ڏيئي)— ها ها ها ها، ها ها ها ها!
اوهو اوهو، آ ها آ ها!
'هڙن ۾ ته گلڙا روز ڇڻن ٿا'
— پر هر ڪنهن کي پوءِ به وڻن ٿا!
عورت ڪوئي جادو آهي،
چانڊوڪيءَ ۾ خوشبو آهي،
۽ خوشبوءِ تي ڪو ٻيو پونرو،
آهي رس جو لوڀي پونرو.
مُند ڪستوريءَ دلي آهي،
اُن کي ڪولي جو به وراهي،
اُن جي خوشبو ڦهلائي ٿو،
هر ڪنهن جو من گرمائي ٿو.

[سالار خان ڏانهن ڏسي،
چوي ٿو—]

—

هي جو منهنجو ڪاج به آهي،
تخت به آهي تاج به آهي،
همت به آ هٿيار به آهي،
۽ ويريءَ تي وار به آهي،
تنهن کان تو کي آءٌ ڇپايان—
اهڙو آءٌ آياڻو ناهيان.

[۱۸

کيپ ڪني کان گهٻرائين ٿي!
وڃ، وڃ، ڇا لاءِ شرمائين ٿي؟

[چنيسر چوليءَ کي ڏکو
ڏئي ٿو، ۽ سالارخان هن
کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو،
ته چوليءَ جي مونڙي جي
چولي کُلهي وڃڻ لڳي
پوي ٿي. پردو ڪري ٿو.]

# ائڪٽ ٻيو

## پردو پهريون

[اڌ رات جو وقت آهي. دودو پنهنجيءَ پيڻ ٻاگهيءَ سان خيمي جي ٻاهران اونداهي آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهي.]

دودو — ڪجهه دير هئي، جا چانڊوڪي
اڄ اونده اُڀري آ روڪي؛
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ،
ڪيڏو نه هوا جو ڦيرو آ!
چياگهگهه ڪري ٿو گهوڙن گهوڙن گهوڙن!
ڪنهن وقت قناتون تنبوءَ پڇون
هن ساري تنبوءَ کي ڀاهي،
آڏري به وچن ته عجب ناهي!
هر شيءِ ڀانوا ڊول لڳي ٿي....
پر ڪا چيز آڏول لڳي ٿي!
هي ماڻهوءَ جو من جو آهي،
هر ڏونگر کان ڏاڍو آهي؛
ڏس ته ڪيهه ڪان ڪونئرو آهي،
جڻ ٻاڻيءَ جو پڻئرو آهي؛
پنهنجيءَ تي جنهن وقت اچي ٿو،
تنهن ۾ آڪاس ڏڏي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ٻاگهيءَ ڏانهن ڏسي،
چوي ٿو-]

ٻاگهي ــــ

تارا اُن لئہ هيٺ جهُڪن ٿا،
پربت اُن کي سجدو ڪن ٿا.

خلجي تنهنجو سڱٿ گهڙي ٿو!
تخت چنيسر لئہ چاهي ٿو!

تاج هُجي ڇا، تخت هُجي ڇا،
سونو روپو بخت هُجي ڇا،

ماڻهوءَ موهہ آجايو آهي؛
ماڻهو ننگو آيو آهي

ننگو سونتي وڃڻو آهي-
پر هي توکي مِٺو آهي،

تنهنجو تخت امانت آهي،
سارو بخت امانت آهي؛

هڻءَ تہ ڪيئي راجا آهن،
ماڻهو توسان آجا آهن-

ڏڏڙ مکڙ هر ڏيري ۾ آ،
سائو وَڻ هر ڏيري ۾ آ،

سانجهيءَ تائي سانگ تين ٿا،
پائي پائي سانگ تين ٿا؛

کيڙي پنهنجي کيتي واڙي،
سيجہ لٽي جو سارا لاڙي

ڦلڙيءَ وارا آجرڪ بائي،
تڙ تي راٺو ڳائي ڳائي،

پنهنجي دُک کي دور آمائي،
سُک جي ننڊ سمهن ٿا هائي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون پنهنجو تاجُ ڇڏيندين،
گڏوندر ۾ هر جيءَ گڏيندين.

هُو ڏاريا جي پيرَ ڏرن تا،
ڌرتيءَ کي پڙپانگ ڪرن تا-

ڏرڙ سنجهان ڪوراڙ اچي ٿي،
اُن ڪان ڪا شيءِ ڪانہ بچي ٿي؛

ٻوٽن سان ٽيتريءَ جا ٻچڙا،
گهرڪائي ٿي ڏائڻ ڪچڙا؛

جي تو آ ڪوراڙ ڏني ڪا،
هي به ڏنو ٿي اُن جا ليکا.

ميٺيءَ تي جو وقت رهن تا،
سڀُ ساسي تن ڪان چيرڪن تا؟

[ڊودي جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي چوي ٿي-]

هر ماڻهوءَ ۾ جيءُ به آهي،
تنهن ۾ هُن جو پيءُ به آهي-

ڏاڏو، پڙ ڏاڏو، تڙ ڏاڏو
روز اچي تو هُن کي آڏو،

نانو، پڙنانو، تڙنانو
هُن ڪان نانهہ ڪڏهن بيگانو؛

جي تن ۾ ڪو ڪانٽ آهي،
ٻُٽ بڌي تو هُن تي ڪاهي؛

هُن ۾ سچ گهٽي تو هر هر،
هُن جي سکهہ لٽي تو هر هر.

رت ٻُنءَ جو هي ٻُتلو ڇاهي؟
پيڙهيءَ جو پاڇائون آهي!-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـي تون وڙهندي ماريـو. ويندين،
هِن وستيءَ تـي واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساھُہ تـہ ويندو
ماڻهوءَ جـو ويساھُہ نہ ويندو؛
تُنهنجا پُٽ نہ تہ تنهنجا پوٽا
رهنـدا تـوسـان پُورَ وچـوٽـا،
آزاديءَ لـَئـہ رڙهـنـدا آخـر،
رڙهندي رڙهندي وڙهنـدا آخـر؛
تن جي لاءِ مثالُ ڇـَڏي وڃـ-
ءُ جـيَ چاهين خالُ ڇـَڏي وَڃ....
مون لـَئہ تون جيڪو بہ قبولين
خاجي، ڪـُتّو، جـو بہ قبولين!

دودو —

تُنهنجو، مُنهنجو خُون بہ ساڳيو،
جيئڻ لاءِ جُنون بہ ساڳيو؛
هيءَ جـا ڏاهـي ڳالهہ چـَئـي تو،
مُنهنجي دل جي ڳالهہ ڪـَئـي تو-
مـاڻهو ڇـڪـّ - بـنـوڙو نـاهـي،
گونـگو نـاهـي ٻـوڙو ناهـي،
مـاڻهـو سـارو راز بـہ آهـي،
پـر ڪـوئـي آواز بـہ آهـيُ-
پاڻيءَ تـان جـو سـانءُ اُڏاڻي،
جـڻ ڪا جـَر تان جهانءُ اُڏاڻي؛
مـوتُ تـہ هڪ پـاڇـاڻون آهي،
اُن جـي ڪابہ حقيقت ناهـي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها ڪائي شيءِ پانءِ رهي ٿي،
هِن جندڙيءَ جي جهانءِ رهي ٿي؛
ٻـونبِرَ مَنجهہ ٻُڪاري ٿي جا،
وِيَسر ڪـي والاري ٿـي جـا،
چَمڪ مَرڻ جـو تَتُ تئي ٿي،
سَڳهہ تئـي تـي، سَتُ تئي ٿي.
باڳهي! جـي اڄ جان ڏيان مان،
هِن ڌرتيءَ تي ڳهورَ ٿيان مان،
سَچُ چَوين تـي ساهُ تہ ويندو،
ماڻهوءَ جـو ويساهُ نہ ويندو.

[پريان چولي ٻوڙندي آچي ٿي، ۽ دودي جي پيرن تي ڪِري، سُڏڪا ڀري ٿي-]

جيئين شال سدائين دودا!
او سونهارا سائين دودا!
سُرَ سپنو آ، مون جي ڳايو،
هـي سارو سنسار سمايو
سُرُ جي نيريءَ سُندرتا ۾،
پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي پيڙا ۾
ڪاٿي ٿَهر اچـي وئي مون سان،
سُک جي لهر آچي وئي مون سان؛
مان گهنگهروءَ جي ڇَم ڇَم آهيان،
جـي ڌرتيءَ تـي پير نچايان،
ڇَن ڇَن ڪَن تارن جا سِڪا....
ڪجهہ بہ نہ آهن سونا سِڪا،
جين تي پنهنجو پاڻُ وڪيو مون؛
پوريءِ تي جو پاڻُ وڪيو مون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي چنڊ جهڪي ايندو هو،
سارو منڊ جهڪي ايندو هو.
مُنهنجو ڪوئي آڳهڻ نه آهي–
ها، جي ڪوئي مون کي چاهي،
پنهنجو ٻڪ ڪنول جئن آڻي،
موتي هاري، مون کي ماڻي....
ماڪ اکين کو موتي چاهي،
آليءَ اک جو آڳهڻ نه آهي!
پر مون پنهنجو قدر نه ڄاتو،
هاءِ! چنيسر کي نه سڃاتو:
ڪنهڙي جادوءَ ۾ جڙجي مون،
ڪنهڙي ڪانئر سان آڙجي مون،
پنهنجي عُمر گنوائي آهي!
اڄ جو مُنهن تي ڇائي آهي
۽ مان انگ - اُگهاڙي آهيان،
ڇڻ مان ڪا ڦُلواڙي آهيان

جنهن جا ڦول لتاڙيل آهن،
ويڇهيءَ ڇڪ اُجاڙيل آهن،

تنهن جو ڪارڻ آءٌ ته آهيان....
ڇو مون ڪونه سڃاتو چاهيان؟

ڏوڙ چنيسر، سارو ڏوکو،
سونهريءَ ۾ سپ هئيو ڪو!

ڪُوڙ هٿان جي ڪاچ سري تو،
تاج رکيو تاراج ڪري تو.

جو بہ ڏيڻ تي پير ڌري ٿو،
هيٺ وڃي ٿو، نيٺ مَري ٿو....
ڪنهن بہ ڏيڻ ڳرڪائي ناهي،
دودا سائين! اڄ هُو ڪاهي،
راتاهي لئہ اچڻا آهن-
اهڙا ناهہ پيا هڙ ناهن!

[دودو چوليءَ کي ٻانهن
ڪان ڇڪي، اُتاري ٿو.]

دودو —

لڄ جيان ڪا ناهي لوئي؛
ڪُوڙ وٽان ڪنهن وقت بہ ڪوئي،
پنهنجو پاندُ ڪري جي آجو،
تنهن کي ٿيي پڇتاءَ تہ ڇا جو؟
سَچ تہ ڪوئي ڪَتي آهي،
جنهن جو ڪُنبي سدا ٿو لاهي،
پاپ پڇاڙي، ميرُ مَنَن جو.
اَجرو اندر آهي تَن جو،
ڪوڙ وٽان جي ڌڙ پڇن ٿا....
سي ڪاهيءَ مان نيٺ ڪڇن ٿا،
جن جي رڳ رڳ رَسي آهي.
سچ سوا بي چَسي آهي
ماڻهوءَ جي هَر رهڻي ڪهڻي،
توکي پيڙ پئي جا سهڻي،
تُنهنجا گيتَ اُجاري ويندي،
تو ہ ڏينا پاري ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ٻاگھيءَ ڏانھن ڏسي ٿو-]

ڪُوڙا ڪانئر جا سڀ سنگي-
هاجَ جڏهن آهي هٿ-سنگي،
ڪُوڙ سندس ڪچڪول پري ٿو،
۽ پينو جنهن وقت ٿري ٿو،
ڪُوڙ اُنهيءَ تي ٿهڪ ڏئي ٿو،
تنهن چادر کي چهڪ ڏئي ٿو
جا هُن مُنهن تي اوڙهي آهي-
ڪُوڙ پراڻو ڪوڙهي آهي،
اُن کي جنهن به چِتو پيتايو،
بيٺڪ وتي جئن، ڪوڙهه پرايو.
چا به چنيسر سمجهي هاڻي،
مون جئن هُن کي ڪونه سُڃاتي،
جنهن جي ڏور پرائي وس آ،
ناچ ڪندي، ڪيڏو بيوس آ!
چاهي ڏوري ته اُن کي ڏاهي،
چٽ ڏئي، پوءِ پٽ تي لاهي،
ناهي، لاهي، ڏاهي اُن کي،
ناڪوليءَ کان ڪاهي اُن کي.

ٻاگھي —

ڪانئر جي هر سوچ به ڪوڙي،
لاپُ به ڪُوڙو، لوچ به ڪُوڙي،
ريت به ڪُوڙي، پريت به ڪُوڙي؛
چڻ هڙ ڪائي ڪچي ڇوڙي،
پَرُ جيي هٿ "ڪٽي سمجهي ٿو!
۽ شايد هو هي سمجهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوبہ ڪنئي جو ڪيتو ناهي،
سڳجھ ڪاڏو پيتو آهي،
ماڻهو ماس سوا ڪجھ ڪونهي،
ورندڙ سواس سوا ڪجھ ڪونهي.
موت ائين آ هن جي من ۾،
چيچڙ جئن ڪتي جي ڪن ۾.

دودو —
موت تہ هرڪنهن جو ويري آ،
پاراٺي ۾ پاڙهيري آ،
پوءِ بہ آهيري مان آڏري،
پاڻيءَ پاٽ مٿان سو پنڇي
پنهنجا پرڙا ڦڙڪائن تا،
سيج ڪي سيني سان لائن تا،
ناهي اِن جي اون اُنهن ڪي،
ڪنهن تي ڪانُ ڪڏهن توڪڙڪي!
ماڻهوءَ ڪي ڇو دٻ ٿئي تو؟
موت تہ جهاپوءَ جهپ ٿئي تو!

ماڻهوءَ ۾ هي ڏر ڇو آهي؟
ڪنهن بہ مري هي چاتو ناهي،
”هئہ هئہ! آءٌ مري ويو آهيان،
تاڻي سنگ، ترِي ويو آهيان!“—

موت آجائي جو ڏر آهي،
پر تاڻو، جو آڻ - تر آهي....

سچ مٿان ڪا سانجھي ناهي،
اوندهہ ڪا آڳانجھي ناهي!

آن ۾ تارا تِرِ تِرِ ڪن ٿا،
روشنيون ٿي رمِ جهمِ ڪَن ٿا.

جگ جگ جي جهرمر آ جندڙي،
ڪيئي جوت جهروڪا جندڙي،

جن مان روز وجهن ٿا ليئا،
ڏاها پاري پنهنجا ڏيئا؛

جندڙيءَ جوتِ سدائين جاڳندي،
آئي آ مون تائين جاڳندي،

مون کان پوءِ به جاڳندي رهندي،
هر پيڙهيءَ سان هلندي رهندي....

جوت ڪڏهن به نه مرڻي آهي.
اڄ جا منهنجي ڪَرڻي آهي،

تنهن کي آءٌ نيائي ويندس،
پنهنجي جوتِ جلائي ويندس.

## پردو پيو

[دودي جي حُڪم تي جنگ جا نقارا وڄن ٿا، ۽ سڀ جنگي جوڌا هٿيار ٻڌي تيار ٿين ٿا. آسمان مان جهڙ هٽي ويو آهي، ۽ چانوڻي چنڊ جي روشنيءَ ۾ نظر اچي رهي آهي.]

دودو — هوءِ سورهيه سنيري نڪرن ٿا،
جهونجهار جتا ٿي نڪرن ٿا،

۽ جيءُ هٽي ٿو جهومريون....
تيار ٿيو اي سومريون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ راتوواهيءَ سامُ وٺو،
تنهن آبڙي جي، جنهن جهڙو ڪو
اڄ ديسُ سڄي ۾ ويڙهُ نه آ.
هن وقت نديءَ ۾ نيرُ نه آ،
ڪي نيش ڪٿو، ارموشُ ڪٿو،
ڪي پٽڙ پٽو ۽ پيرُ هٽو!

آ سامُ اوهان لئه ابڙن جي،
جڻ چانورُ ٿئي ٿي ڪبڙن جي؛
هوءِ آڏي ڏالُ نه ڏارن تا،
هوءِ راوت مرندي مارن تا،

آ غيرت تن جي رڳ رڳ ۾،
۽ ڪنڊو جهڪائڻ ڪان آڳ ۾،
هوءِ ڪنڊو ڪپائڻ چاهن تا،
۽ تيسين سينو ساهن تا،

پي جيسين جام شهادت جو،
هوءِ ڪن تا سنڌڙيءَ کي سجدو.

[پاڳهيءَ ڪي-] ڪنهن چاتو آهي ڪير مري!
هوءِ ڪانئر ڪارونيار ڪري،

اڄ ايندا تنهنجي پاءُ مٿان....
۽ شايد ويندي سِنڌُ هٿان؛

مان مرندي تائين وارُ ڪندس،
۽ ڏاريسن جا سِرُ ڏار ڪندس،

هي ڪنڌ ڪلهن تي آ جيسين،
هوءِ پيرُ ڏريندا ڪئن تيسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن ڌرتيءَ تي، جا آسّي آ!
هيءَ جنڊڙي هڙنءَ نيڪمّي آ....
شَل جيجل جي ڪنهن ڪار اَچي!
شَل اُن تي ڪانه مَيار اَچي!
شَل تُنهنجو وارُ نه ٿي وِنگو!
شَل تُنهنجو ڏينهُن نه ٿي ڏنگو!
اي پيرڻ! سَدا آباد هُجين!
جنهن جاءِ هُجين، تون شاد هُجين!

[پاڳهي ۽ ٻيون سُومريون
اُن تي وڃن ٿيون، پردو
ڪري ٿو۔]

## ائڪٽ ٽيون

### پردو پهريون

[دودو فوج ۾ ڪي اُتساهي رهيو آهي. چوليءِ خيمي جي اوٽ مان ڏسي رهي آهي.]

چولي (پاڻ کي) — دودو تو کي چنڊ لڳو هو،
ڪنهن مانڊيءَ جو منڊ لڳو هو:
تو سوچيو هو، مان چولي هان،
اُن کي اُيري ڪيئن پچان مان!
چنڊ وجهي تو پرتان پاڇا،
ڏوران ڏيک ڏئي تو ڇا ڇا!
ها، پر ڪيڏو پرتي آهي!
اُن جي ويجهڙ وس ۾ ناهي!
ڪيئن وئين ڪنڌيءَ تي ڪاهي؟
اي چولي! ڇا چڙ ۾ چاهي؟
اڄ تون گدلي ميري آهين....
ڇو تون موتي ڇاتي چاهين؟
چنڊ پراهون تي ويو آهي!
پريون پهر اَچي ويو آهي!

دودو (فوج کي)- ڇا لاءِ ڏرڻ تا ماٺوئڙا!
هر روز مرڻ تا ماٺوئڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪيئن مري، ڪو ڪيئن مري،
ڪو هڻڻ ۽ مري، ڪو هيئن مري!

جن وقت گذاريو ويرن سان،
تلوارن سان ۽ تيرن سان،
سي آڳت وڏائي آرڻ ۾،
تا ڪِوند مرن ڪنهن ڪارڻ ۾؛

ڪي ويچ هٿان ورهه پيئن تا،
تني لولا لنگڙا جيئن تا،
تا ڪنجهي ڪُرڪي ساهه ڏين،
۽ ڏرڪي ڏرڪي ساهه ڏين؛

هر روز هزارن ۾ ماڻهو،
تي چڙهه تہ قطارن ۾ ماڻهو،
تا سوت منهارن ۾ گذرن،
اونداهن لاڙن ۾ گذرن.

هيءَ جيڪا پر پر مٺي آ،
ڪيئن چاٽون ڪنهن جي ڪنهن جي آ!

اي پونير جنگن جوڳن جا!
تين ڪند ڪرارن ڪوپن جا،

جن سونهن مٺو چاتو هو،
گهر تيسين پير نہ پاتو هو،

هت جيسين ڏاريا پير هيا!
هو جيڪي مڙس متير هيا،

ڪنهن آيري واءُ نہ لوڏيا ها۔
ڪنهن ڏوڙئي پير نہ ڏوڏيا ها۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھن ڏرتيءَ تان تن ڏڳڻ جا،
تن لوھي جهڙن لڳڻ جا.
سي جنگ اوھان ۾ جرڪن ٿا،
ٿي مولھيا مولھيا مرڪن ٿا.

اي سنڌ-سپوتو سرويچو!
پل ويريءَ سان اڄ ٻر ميچو!
سڀ پنهنجي پنهنجي سينگ سڄن،
ائن ڪڙڪڻ ڪڙڪڙڪان وڄن،

جئن سخت ڳڙن جو مينهن اچي،
۽ ڪانهن هوا ۾ ڪوڪ مچي!
جنهن وقت ڪڏي ڪيڪان وڄن،
ٿي مئيءَ جا طوفان وڄن،

جئن هٺڪارن ڪان هانوَ هڄن،
ڇهه ويريءَ جا ٻروقت ڇڄن!
اڄ ماري ڏاري وڃو آ،
يا وڙهندي وڙهندي مرڻو آ.

ڇولي (پاڻ کي-)

هيءَ ڪنڌ-ڪڪوريل آزادي،
ساٿيوءَ ۾ موريل آزادي،

ٿي پرکي پاڻ-وهيڻ کي،
ڇا هانءُ ڏئي ٿي هيڻ کي!

تدبير ڏئي تقديرن کي،
تقدير ڏئي تدبيرن کي،

ڇا ڳوندر کي گرمائي ٿي!
ٿي راڳ راڙ مچائي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پيءُ پيرَ ڇڪي پنجوڙن ۾،
ڇيا ڳوڙهن جي ڳجگوڙن ۾!
اِي دودا! توتان گهورَ وڃان،
شمل آءُ به پيوَ جا پيرَ پيچان!

[چولي خيمي مان ٻين سان
ٻيريل، تيرڪش ۽ ڪمان
کڻي، ٻاهر اچي ٿي. ٽڪنش
پٺيءَ تي لٽڪائي ٿي، تڏهن
پريان گرد غبار اُڏامندو
نظر اچي ٿو ۽ گهوڙن
جي سنبن جا آواز اچن ٿا
پردو ڪري ٿو.]

## پردو ٻيو

[جهونجهڪڙي جي مهل آهي. دودي جي گهٽي فوج
مارجي ويئي آهي. جيتلي ٿي پڪڙي ويئي آهي. جنگ جي ميدان
۾ هزارين لاشا پيا آهن. انهن جي وچ ۾ دودو ڌرتيءَ تي ڪريل
آهي. هن کي ڪيئي ڀالا لڳا آهن. اکين سان چوليءَ ڏانهن ڏسي رهيو آهي. چوليءَ
کي هڪ هٿ ۾ ڀالو آهي ۽ ٻئي هٿ سان دودي جي وات
۾ ڪليءَ مان پاڻي وجهي رهي آهي ۽ سڏڪا ڀري رهي آهي.]

پوئين وير اچي وئي آهي،
موت رڳو هڪ هڏڪي آهي،
جئن پَر تان ڪو رَستي ڇوڙي،
۽ دَبڪي سان دَنگي ڀوڙي....

اونهي جو اسرار نہ ڄاڻي،
آرُ نہ ڄاڻي، پارُ نہ ڄاڻي.

[چنيسر جنگ جي ميدان ۾
لاش ڏسندو، دودي جي
ستان آڇي ٿو بيهي.]

چنيسر (دودي کي-) جبر-قوتي جي قوندُ آجائي-
دودا! تو ڇو جان گنوائي؟

هر ماڻهوءَ جي هاڪَ بہ ميٽي،
هن ڌرتيءَ تي ڌاکَ بہ ميٽي،
آڻ مڃين ها، عيش ڪرين ها،
هيئن جوانيءَ ۾ ٿہ مرين ها!

دودو— ڇا بہ چوين، مان مرڻو ناهيان،
وسُ ستائي وڙنو آهيان:

تون بہ چنيسر جو ڪجهہ چاهين،
مون کان اڳ ۾ ورثو آهين-

تاتر-تنين سان وينِ-بدل سان،
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان،

جاري آهي، جاري رهندي،
جاري-آهي-جاري....رهندي.......

[دودو ميڙي وچي ٿو- چوڌاري
اکيون آڳهي ڪيائي ٿي.]

چولي — هر روز پتنگا چرکن تا،
ڏرس، ڏيئي لات آئين ٿي آ
هڪ جوت ٻجهي، ٻي جوت جلي
هر وقت جهروڪا جهرڪن تا.
ڏرس، ڏيئي لات آئين ٿي آ
هر اوندهه ۾ هر اوجهڙ ۾،
ڪي ماٺهو مرڪن مرڪن تا.
ڏرس، ڏيئي لات آئين ٿي آ
ڏرس، ڏيئي لات آئين ٿي آ

[پردو ڪري ٿو-]

---

پونئرو- پاڻيءَ جو نرم جيت.
ڏرڙ- سوراخ. ڪوراڙ- هڪ زهريلي نانگڻ.
سانءَ - هڪ پاڻيءَ جو پکي.
پاراٽو- آها لڪل جاءِ، جتي شڪاري تاڪ ۾ ويهندو آهي.
پاڙهيري- پکين جو شڪاري.
نيش- ستن سالن جو آنڊ. ارموش- ڏهن سالن جو آنڊ.
رابت- ٻهانو. آرڻ- جنگ. موبهو- پڳ.
ڪيڪان- گهوڙو. راڳو- شينهن.
ددمي- ٻڙڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رني ڪوٽ جا ڏاڙيل

(منظوم ڊراما)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لغاتن لاءِ تشريحون

(الفابيٽ موجب)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رڻي ڪوٽ جا ڌاڙيل

## (منظوم ڊراما)

[پردو کڄي ٿو، ڀاڙيءَ تي ڪجھ جهڳا نظر اچن ٿا. ٿورو پري چوپايو مال ٻڌل آهي. هڪڙي جهڳي جي ٻاهران کٽ تي ويڳس ننڊ ۾ آهي، ۽ پرسان ٻيءَ کٽ تي ولهار ستو پيو آهي ۽ چيٽ جي آڪاس ڏانهن ڏسي رهيو آهي.]

ولهار (آڪاس ڏانهن ڏسندي)

هي جيڪو ٻي انت لڳي ٿو،
ڪيڏو جوڀن وَنت لڳي ٿو!

هيءَ ٻانهوءَ جنهن جهرٽو ناهي،
ڪيڏ ڀنگر جنهن ڀرٽو ناهي.

ٽارا ٽيچي، تارا آڳي،
جيءَ سمهي، جڳ سارو جاڳي.

ڪنهن هي منڊ ٻڻايو آهي،
ساروءَ سانگ رچايو آهي؟

هيءَ ميٽي جا پير پٽي آ،
ناٿهن سنجها ڪٿن آنهن ٻٽي آ!

پوري آهي، ناسي آهي،
آدي، آ، ابناسي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙهي آهي، پيلي آهي،
ڪيڏي رنگ رنگيلي آهي!
روز ڦٽي آ، روز ڇٽي آ،
سونهن بڻي آ، واس پٽي آ،
مدر ميلن رچي ريت بڻي آ،
پاڇانون جي پريت بڻي آ-
جندڙي کهنبي جو ڇنڪو آ،
موت آجاتي جو ڪنڪو آ،
پوءِ به جندڙي پياري آهي،
مدماتي، متواري آهي.

[وبنگس ڏانهن منهن ڦيري چوي ٿو-]

هين جا هنس به آڇا آڇا،
هين جا وار پشم جا لڇا؛
ڇاڇا جيءَ جڳاٿا هين جا،
آڏيءَ ويڙ به ڇاٿا هين جا؛
رات مٿي جو ماٿو آهي-
۽ هي ڀيهرو ڳاٿو آهي،
جنهن ۾ ننڍ پري پئي آهي،
جنهن کا ڪونج مري پئي آهي!
آٿر هير هياورا آئي،
چنبي اڏائي، ڇولي تاٿي،
سونهن پسائي تي سنٿر جي،
جنهن ديوي آ کا پنٿر جي!
چرپر هن جا ڇپ ٿين ٿا،
مرڪي موتين لپ ڏين ٿا-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَنِ مِوهَڻ جِنَ نِرمل سَپنا،
لهرون لهرون، چنچل سپنا،
آڌيءَ رات اَنهن ۾ چا چا،
تارا، پاڻي، پَٿر، پاڇا!
۽ هُو روهَه رُلائيل سَپنا،
گهايَل گَبَ، اَچايل سَپنا،

سَپنا جَنِ تہ آڏاريل آڙيون،
سَپنا آڏيءَ راتِ اماڙيون،
ڪيئي آيا اَماڻيل سَپنا،
۽ ٻَرتيءَ سان واٽيل سَپنا—
ڪينءَ هُجي يا ڪيتو تين جو،
چا چا تاجي پيتو تين جو!

جي انسان سُتو پيو آهي،
ڪيڏو ڳُجهہ ڳتو بيو آهي!
ماڻهوءَ جَنِ بي اَنت نہ ڪوئي،
جوئي آهي، آهي سوئي!

[وينگس تنا مان ڇرڪ پري
جاڳي ٿي.]

وينگس— آڌي رات، اَچانڪ سَپنا!
ڪاريَ ڊَنڊَ، پيانڪ سَپنا!

جو بہ پکين جو جوڙو آهي،
تنهن جو انت وڇوڙو آهي!

ساري ليلا نياري آهي،
جَڙَ پوچارو ساري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلبهار—

ڦَڙهن تہ ڌرتي پياري آهي...
۽ ساٿهو سنساري آهي—
هي جوڀن آ جا ين ين آدما،
ٽُوٽس تَتن جي، ڪِجڪا ڪِين جا،

ڪُنجهہ نہ هوندي، سيڪُنجهہ آهن—
ڪاروڻيار ڪتين جا ڪاهِين
تا ڪيڏا ٿهن، نہ ڪنهن چاتو آ،
تن جو انت نہ ڪنهن پاتو آ!

هيءَ چِا سُندر مايا آهي،
ساري پَل جي ڇايا آهي—
پَلَ ٻوٽ آ، پَل جگنو آ،
پَلَ پَل ڪي پنهنجي خوشبو آ،

پَل پَلِ ڪي پنهنجي جوتي آ،
پَلَ گهوڙهو آ، پَل موتي آ،
پَل جو سهجُ سياءُ چگو آ،
جش اَتر جو واءُ چگو آ....

ساٿهو منجهہ وڏائن چو ٿا،
پَل ڪي چيپ ٻڌائن چو ٿا؟

وينگس—

پريت ٻہ آهي پَل جي مايا،
ڪنهن ڇايا جي ڇَل جي مايا؛
پوءِ بہ آن بن چارو ڪونهي،
ٻريت سوا چِٽڪارو ڪونهي؛
مَن جي موڪ آنهيءَ ۾ آهي،
ساريءَ اوڪ آها تي لاهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريت جڏهن هي رُوح رڇي تي،
بادل بادل ٻين وڄلي تي
پيچ منجهان جا ٻوٽا ڇاڻي،
سا ميٽيءَ جي پريت تہ آهي!

۽ پوءِ ٻوٽا گلڙا ڪن ٿا،
ماڪ ڦوسي تي، مينهن پون ٿا،
۽ ميٽيءَ جو پيار ڀڙڪي ٿو،
هي سارو سنسار ڀڙڪي ٿو!

هي آڪاس سمندر جهڙو،
يا ماڻهوءَ جي اندر جهڙو،
جنهن جو ڪوئي ٿاهُ نہ آهي،
ٿاهُہ نہ آهي، ڏاهُہ نہ آهي،

تنهن جي ڌرتيءَ تي چانڊوڪي،
پريت نہ ڇئبي، پيو ڇا ڇئبي؟
ماڻهوءَ جو مَن پريت سموهي،
ڇا ڇا تو مٽيءَ ۾ گوهي!

پريت اُڀين ماڻهوءَ جي مَن ۾،
جئن ڪا ڪويل چندن-بن ۾؛
جئن ٿوڙني جي ڪيت مٿان ڪو
پوپٽ آڏري پيچ پنيءَ جو!

ماڻهو پريت وسارن ڇو ٿا!
۽ گهنگهر ۾ گهارن ڇو ٿا؟
پريت بنا هيءَ ڌرتي پياري،
ڪاري آس، نيڪاري واري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[گوليون هلن ٿيون ۽ وينگس
ڦٽجي پوي ٿي. ٿي ڏاڙيل-
آڏو ڪاڌو ۽ ڏاڍو- اوندهه
مان نڪري، مال چوڙن ٿا.
ڪجهه واهڻي ڪُنهاڙيون
ڪٽي آچن ٿا ۽ ڪبڙن جي
اوٽ مان لڪي ڏسن ٿا.]

آڏو—

سان آڏو هان، سان آڏو هان،
پر سان ڏاڍي ڪان ڏاڍو هان؛
پيچ پنيءَ جو ٿوُر لٽيو مون،
سانجهيءَ جو سيندوُر لٽيو مون؛
هٿنڌو هوس اڪيلا ڌاڙا،
رنگمحل ها يا رڇواڙا،
سيٺي منهنجو ڏن ڏيندا ها،
ڌرتي جهاڙي ڏن ڏيندا ها؛
هاڻي سان ڪجهه جهڙ ٿيو هان،
پر نه اجا مجبور ٿيو هان؛
گوليون ۽ بندوقون سون وٽ
سوني جون صندوقون مون وٽ-
ٿرَ ٿرَ ۾ جو ’ڏاڍو‘ آهي،
۽ جو ڪانئر ’ڪاڌو‘ آهي،
هاڻي تن کي سانُ ڪٺان ٿو،
ڌاڙا تن جي اوٽ هٺان ٿو.
اڳ ته اهي آسا باڳيا
سارين راتيون ننڊ ڪندا ها-

ڏينهن ڏهاڙا سوڳا تن جا،
ڪات ڪهاڙا اوڳا تن جا.

اڄ ڪلهه ياڳيا جاڳيا آهن،
ها، ها، ياڳيا ساڳيا ناهن!

پر جا منهنجي تولي آهي،
تنهن جي ٻولي ڳولي آهي.
هاري آهي، ناري آهي،
يا پيءُ ڪو اپڪاري آهي،

هر ڪو منهنجي ٻولي ڄاڻي،
ڪوبه نه ٻڪري ڳولي ڳاڻي؛
جي ڪي موت مقابل ٿئي تو،
ڳهر ڳهر ٿي بارود وسي ٿو،

ڌر ڌر تي ٻوڇاڙ ڪيان ٿو،
ڳوليون سان ڳفتار ڪيان ٿو.

ڪاڏو— ڏاڏو بيشڪ ڏاڏو آهني،
ها، پر آقا آڏو آهي،
ڇو هو مون کي پيارو آهي،
آن سان پائيچارو آهي.

ڏاڏو— ڏيل ته منهنجو ڏاڏو آهي،
ها، پر آقا آڏو آهي—
مان ٿي هيءَ بندوق پريان ٿو،
مان ٿي سڀ تي وار ڪريان ٿو،
آهنجو آهيان، سنهنجو آهيان،
پوءِ به پنهي ڪي پنهنجو آهيان؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو- تہ پنهي جو چاوَلُ آهيان-
۽ مان هوند هَراوَلُ آهيان؛
تينسين گوليون برسايان ٿو،
ويري ۽ واهڙ ترسايان ٿو،
جيسين گهر گهر ڦر لايو ٿا،
جيسين سڳجهہ چورايو ٿا.

[ڏاڏو اوندهہ ۾ بندوق تاڻي
بيهي ٿو، ۽ آيو ۽ ڪاڏو
ور ڏيور ڪڍي، ڏور ڏي گيا
ڪاهي، اوندهہ ۾ ڳم ٿي
وڃن ٿا. ڏِڏهار تيو ڏيٺي
منجهن ۾ لٽڪنڙ ڪنهاڙي
لاهي ٿو وٺي، ۽ ڏاڏي تي
وار ٿو ڪري. ڏاڏو وڙائرو
ٿي بندوق جو فيز ڪري
ٿو، جو ڳٺي وڃيا ٿو، ۽
ڪنهاڙي ۽ جو پيو ڏک
کائي، ڦهڪي سان ڪري ٿو.]

ڦورو پنهنجا يار ڪيا تو،
هيٺ تي هشيار ڪيا تو؛
هاڻي تيندين ماڻهہ ميرن جو،
'ڏاڏا' ڪانئر! ڳاڻهہ ڳجهن جو.

[روئيهار ڏرتيءَ تان ڏاڏي جي
ڪري پيل بندوق کڻي ٿو.
هن جا ڳرونڻي ڪهاڙيون

ڪئي، ڪڙن جي اوٽ مان
[ٻاهر آيل ٽاڻا]

اي ٻاهڻ جهڙا واهڻيو!
ڇا لاءِ اِئين لاچار رهو!
ڇا لاءِ ٻڇو، ڇا لاءِ لِڪو!
آ ڪرڙم مٽان ڪيڏو نه ٽِڪو!

ٽا ڪانئر راتو رات آچن،
۽ گهاٽڪ سوچي گهات آچن،
۽ گهر گهر ڦر لٽ لائن ٿا،
هر گهر واري کي گهائن ٿا،
هر گهر واريءَ کي لوڙن ٿا،
۽ ميڙي چونڊي ڍوئن ٿا.

هي جيئڻ کهڙو جيئڻ آ
جي جندڙي وهم جو پيئڻ آ!
هيءَ جندڙي جهڙتو آ جر تي،
جو لهر اُڀاري تو چر تي،

جا پنهنجو اوڇو ڳاتُ جهلي،
ٿي پاڻيءَ تي ڪُجهه وقت هلي،
۽ گيتَ مدّر کي ڳائي ٿي،
پوءِ پنهنجو ٻاڻ سمائي ٿي

ين ڏرتيءَ ۾، هن انبر ۾،
ين نيري گهري ساگر ۾.
پر آن ۾ وَيسرَ آيرن ٿا،
جي آنڌيءَ مانجهيءَ آگرن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جَر جي جيءَ جياپي ڪينءِ،
هر آڏڪاريءَ جي آپي ڪيءِ.
اي پاهڻ جهڙا واهڻبو!
چا لاءِ اٿين لاچار رهو!
ناهڻ تہ لڳا ٿيي پاهڻ ۾،
ڏاڙيل گدڙ ها اندر ۾؛
اڄ تن جو پيچو ڪرٽو آ،
هي آدو، ڪادو مرٽو آ؛
جن سنجها جو سيندور لٽيو،
جن پيچ پنيءَ جو نُور لٽيو،
اڄ تن ڪي پُورو ڪرٽو آ،
اِٿن واپس موُر نہ ورٽو آ.

[وينگس ڏانهن منهن ڪري
چوي ٿو-]

اي وينگس! تنهنجا وارَ چڱا،
۽ تين تسي منهنجا آرَ چڱا،
مون تين جي چانوَ بہ ماٺي آ،
۽ ساري ڏرتي واٺي آ
ڪنهن سپني سان.... پر ڪيئن ڪيانگ!
تو توکان مان اڄ دور وڃان!
جين قورن توکي کهايو آ،
۽ ٽاڙيي زان اڳهايو آ،
مڻ جيسين تين ڪي ناس ڪيان،
تو تيسين ڪو بنواس وتان.
مان نيٺ تہ موتي آچٽو هان،
۽ توسان گڏجي نچٽو هان،

هن رنگبرنگيليءَ ڌرتيءَ تي،
مد مستَ نشيليءَ ڌرتيءَ تي،
تـي پيچي لـُنب لـيـارن سان،
۽ پيچ پنيءَ جي تارن سان....
پر هـاڻـي مون کي وچڙو آ،
هـي وعدو مورُ نـه پيچڙو آ.

[وينگس جي رت ۾ لويل چُني، بندوق جي ناليءَ ۾ ٻڌي، بندوق کي اُڀو ٿو ڪري-]

سان تنهنجي آرتي ڪهنبي سان
هي ڳاڙهو جهنڊو ٿو ناهيان؛

اڄ هن پرچم جي پاڇي ۾،
سان ڪوٽ اندر يا ڪاڇي ۾،

لشڪار ڪندس هر ويريءَ تي،
۽ وار ڪندس هر ويريءَ تي،

جيئن تيڪ پڌري، ڏٺي واڳهه تيو،
۽ هاڻ ڪڏي هاڙهيالي جو.

[ڌاڙي جي لوٽ ڏانهن ڏسي ٿو-]

ها، ڳهاٽڪ تنهن جي ڳولي آ....
دل دشمن جي پر پولي آ—
جنهن وقت پڃاڙي پاڪر تي،
چڙهي ڇيپ ڪيري ڪا ڇاڇر تي.
هو قهري آ، هو قاتل آ،
پر ظالم پوءِ به بزدل آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏڍران ڏسُ تہ مُهاڙن سان
هُنّي ويري آهہ پُٺاڙن جان؛
پر ڏونگر جيَ آ ڏيک گهٽي،
جو ظلمُ اُنهيءَ ۾ سرنگهہ هٽي،
هر وقت اُنهيءَ کي ڍاهي ٿو،
هڪ ڪوڪو ڍانچو ناهي ٿو.

[ساٿين ڏانهن ڏسي ٿو-]

اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهورَ گهٽائُن تي جهومو!

هر ڏونگر تيَ للڪار ڪيو،
۽ آيريِ اُن تي وارَ ڪيو!
اندير نہ ڪوئي رهيو آ،
۽ پيرُ نہ ڪوئي رهيو آ

ڪنهن پاپيءَ جو هِن پاڙي ۾.
اڌ رات ڪٽيسين ڌاڙي ۾،
هيءَ باقي رات بہ ڪٽڻي آ....
پر هائي بات بہ ڪٽڻي آ،

۽ ويريءَ بويان وڃڻو آ،
۽ تنهن جو گهاتو پيڇڻو آ.
ها، باڪ پيامبري آڇڻي آ،
ڏينهن-سوهن تي جا نچڻي آ،

ٿِي ڪرڻو ڪرڻو پاڻيءَ تي....
جتي چانڊوڻيءَ جا هاريائيءَ تي
ڏِسهو جهرمر جهرمر لائين ٿا،
۽ اکيون اُڏي جهپڪائن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــي ڏونـگـر ڏاري ايـنداسين،
جـي مـاري مـاري ايـنداسين—
هي سانگي پنهنجا چـوُنرن سان،
۽ چاڏيءَ چاڏيءَ ڏوُنرن سان،

۽ مينهن سان ۽ گانئين سان،
۽ پنهنجن پـالَ ٻلائن سـان،
ٿـي آجـا اوٺي اُلڪي کـان،
ڪا ننڊ ڪندا تنهن جهُلڪي سان،

جـو واهوندَن ۾ وَرٽـو آ....
سو ماڻهو مـُـر نـــه سَرٽو آ،

جو ساهه ڏئي ٿـو ننگن تي،
۽ جهانگين تي ۽ جهنگن تي،

۽ پنهنجيءَ ڪيتيءَ پوکيءَ تي،
۽ پنهنجيءَ ريت انوکيءَ تي.
ٻنسار تـــه ڏاڍو سُهـڻـو آ،
هـــي چـارُ تـــه ڏاڍو سُهڻو آ—

ڪنهن گهاتوءَ گهيرُ وَسـايو آ،
۽ هرڪنهن کــي ڦـاسـايـو آ—
آ ماڻهوءَ جو مَن ڪُنديءَ ۾،
ڪو ڪندو آهــي مُنديءَ ۾،

جـــو هلڪي پيڙا آڻــي ٿـو،
جـــا پيڙا مـــاڻهو ماڻي ٿـو.

جنهن وقت مگر ڏاڙيـل آچن،
۽ ڌرتيءَ تــــي انڌيـر مچن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن چَنڊ مَنجهان، آڪاسَ منجهان،
۽ ڌرتيءَ جي وَنَ واس مَنجهان،
ڳنڀير مَنجهان ۽ ڳَجَّ مَنجهان،
۽ پنهنجي هڏَّ ۽ چَمَّ منجهان،
۽ ڇَنگ چَڙي جي لارَ مَنجهان،
ڇڄ هن ساري سنسارَ منجهان،

تي ظلم ستم جي بانس اچي،
ڪنهن گَهري غم جي بانس آچي—
چا جهانگيءَ مان، چا سانگيءَ مان،
چا ڏونهينءَ مان، چا ڏانگيءَ مان،

چا پنڊيءَ مان، چا مانيءَ مان،
چا تنهنجي ڳل جي ڳانيءَ مان،

چا تنهنجن ڪارن وارن مان،
چا تنبوري جي تارن مان،

چا گيتن مان، چا بيتن مان،
چا ذاتِ آچيتن چيتن مان،

تي وَرَ وَرَ ساڳي بانسَ وَري،
۽ گَهري غم جي چِٽَّ ڪَري—

اڄ ظلم نهوڙي ايندا سين،
هي جهنڊو ڪوڙي ايندا سين؛

۽ آن جي ڳاڙهيءَ مستيءَ ۾،
هن پنهنجيءَ پوريءَ وَستيءَ ۾

کو سورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن آياري ايندا سين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ولهار جا ساٿي، مٽيون
پيڪوڙي، پانهون مٿي
ڪن ٿا-]

ساٿي (ڪورس ۾-)
ڪو سورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن اُڀاري ايندا سين!
هي جهنڊو ڳاڙهيءَ مستيءَ ۾،
پل جهولي پنهنجيءَ وستيءَ ۾!
هو ساري ساري ايندا سين،
هو ڏونگر ڏاري ايندا سين!

[گهايل وينگس آتي ڪري،
سيني کي ڳچيءَ ۾ ڳاڙها
ڳانا ٻڌي ٿي، ۽ هو وري
ڪورس ۾ ڳائن ٿا-]

ڪو سورج ٻاري ايندا سين!
۽ ڏينهن اُڀاري ايندا سين!
ڪا ٻشاهه لڳائي ٻيلن کي،
هن ڌرتيءَ جي ڏاڙهيان کي
اڄ ساري ڏاري ايندا سين!
ڪو سورج ٻاري ايندا سين!
ڪو سورج ٻاري ايندا سين......!

[سڀ ڪورس ۾ ڳائيندا،
روشن چانوري ۾ وبندا نظر
اچن ٿا، پردو ڪري ٿو-]

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبناسي- جو ناس ٿي نہ سگهي.
ٻيئن موهن- رني ڪوٽ جي وچ مان وهندڙ برساتي نئن جو نالو.
گَڏِيُ- پهاڙي گهيٽو.
ٻين ٻين- الڳ الڳ، طرحين طرحين.
ٿوريو- سرنهن جو هڪ قسم، جو وڻندڙ پيلا گل ڪندو آهي.
هراوَل- اڳ ۾ ويندڙ.
وِيسَرُ- شارڪ (Shark) مڇي.
آنبر- آسمان.
هاڙهيالو- سرڪش يا ٻيايندڙ ڍور.
پاکر- زِرهه.

# وايون ۽ گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪَنبڍيءَ نہ سيگري، ٻَبَرَ نہ پَلڙو،
سائو نہ سَلڙو،

ڇانگوُن نہ ڇيلڙا!
مارو آڪيلڙا!
مارو آڪيلڙا!

پيڍيءَ نہ ڳيڙو، وهہ واتِ ويلا،
مُنهڙا بہ پيلا،

ڳوڙها ڳهيلڙا!
مارو آڪيلڙا!
مارو آڪيلڙا!

سارو سيارو تِي ماٺِ ماري،
سومَر آڳاري،

ماٺو نہ ميلڙا!
مارو آڪيلڙا!
مارو آڪيلڙا!

تا جيءُ جهورِن ۽ روهہ رولين،
جنهن وقت ٻولين،

ڪَنچي ڪُوڍلڙا!
مارو آڪيلڙا!
مارو آڪيلڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪيڙڙو ڪيڙڙو ڪوھہ ڪرين!

چا تو سارين ڪارڙا؟

آءُ، چِٻَر ۽ ڪَنڊيءَ چانوَ،
ننڍ ڦتائيئہ، شالَ مرين!

ياد ڏياريئہ يارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟

ڪيرُ ھَري تو تنھنجي ھانوَ،
تو ھِئن ڪَنھنجي ڏَنجھہ ڏرين؟

تو بہ ڪَيا چا پيارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟

وِيسر واريا مون ۾ نانوَ،
ڪيرُ نياڻي پريت پَرين!

ووءِ ڪتي ويچارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟
چا تو سارين ڪارڙا........

---

ڪارڙو- ڪارو تتر.
ڏَنجھہ- ڏُک.
ڪيڙڙو ڪيڙڙو- تتر جو آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

جيجل، منهنجو جيئڙو!
هٿَ هٿَ منهنجو جيئڙو!
آئـي مُنڊ گلاب جي.

هرڪنهن پاتا هار، هوا ۾ چِڪِڻ چِڪِڻ تي مهڪي،
رُت جي ريت نرالي آهي، رَنگ رَنگ تي چهڪي.
هان، پر هڙ سانگيئڙو!
هٿَ هٿَ منهنجو جيئڙو!
آئـي مُنڊ گلاب جي.

ڪوڪي ڪوڪي گهايل مَن ۾ ڪويل ڪنهن کي ڪانڌي،
هر هر آءُ اچان چاڻنث تي ڪيئي سپنا سانڌي.
ڪوبہ نہ پائي ليئڙو!
هٿَ هٿَ منهنجو جيئڙو!
آئـي مُنڊ گلاب جي.

ڪنهن کي اِن جو ڪَٿُ نہ آهي، موتُ ڪنڌهن ٿو ماري،
مون ڪان پوءِ نہ چاڻان ٻِي ڪا، جيڪا دَر تي ٻاري
ڏورانهين لَئہ ڏيئڙو!
هٿَ هٿَ منهنجو جيئڙو!
آئـي مُنڊ گلاب جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪاريءَ ڪِنَڌيءَ تان ڪَنهن جا ٻه ڏِيئا
گهنگهور ساگر
ٻه ڇو ڏِسن تا؟

ٻيڙي ته ڪائي موتي نه آئي،
واريءَ اَنڌيءَ تان پر ٻوءِ ٻه ليئا
گهنگهور ساگر
ٻه ڇو ڏِسن تا؟

ڪو ڪِئن ٻه چاهي، اُلڪو ته آهي،
وانجهي ويا جي، جيئا نه جيئا!
گهنگهور ساگر
ٻه جو ڏِسن تا
ڪاريءَ ڪنڌيءَ ڌان ڪنهن جا ٻه ڏِيئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

باک ڦٽيءِ جـو بانورا!
ميندي پوکيـ نہ کيت ۾.

مؤمَل هٿـڙا ر انـئـبا،
مَرندا سـوڍا سانـورا.
ميندي پوکيـ نہ کيت ۾.

ايندا سڏڙا کاکِر جا،
وِسري ويندا چانورا،
ميندي پوکـ نہ کيت ۾.

باکٽ ڦٽيءَ جو بانيورا!
ميندي پوکيـ نہ کيت ۾.

---

رانئبا۔ ڳاڙها ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هَئہ هَئہ پيريون چاڱريون!
هَئہ هَئہ آرتيون آڱريون!

سارو ڏينهن بهار ۾،
هر هر ڦڙل ڦلار ۾ -
هَئہ هَئہ پيريون چاڱريون!
هَئہ هَئہ آرتيون آڱريون!

هوڻ ۽ تہ پيارا منڊ جا،
سپنا سارا منڊ جا -
هَئہ هَئہ آرتيون آڱريون!
هَئہ هَئہ پيريون چاڱريون!

---

چاڱري پير - پهاڙي پير، جا هر وڻ کان اڳ بهار ۾ ڦٽندي آهي ۽ جنهن ۾ ننڍڙا ڳاڙها پير ۽ تيز ڪنڊا هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هَئـ هَئـ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

آنَ ۾ جنهن جـو واس آ،
آءٌ آنهـيءَ جـي گوليڙيـ
هَئـ هَئـ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبيءَ گهاٽَ تي!

آهـ گَنجر جبي گَجَّ ۾،
ڪائنـي راتِ رتـوليـڙيـ
هَئـ هَئـ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

ســارو ڏينهن ڇهاوَ سان،
ڇـاتـيءَ جَنهن جي چـوليڙيـ
هَئـ هَئـ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

ميرو سَجهہ نـہ مُنڍ ڪي،
ٻڌۃ تـہ منهنجي ٻـولڙي!
هَئـ هَئـ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

تون لَنوائيندي ٻه مون کي کيستائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
تو ٻُران تو ۾، سُڃاتو تو نه سائين!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
مون ٻڌا هِن چنگ ۾ جهڙا نه جهائين!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
ووء، مُنهنجا گيت تون ڳائين نه ڳائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
ووء، پنهنجي پاڻ کان ڇو تو لڪائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!

o

وَتَ جلائي ويهُه
آئي راتِ اماسَ جي

چنڊ ته اُجهائو اوچتو
ڏيئا ڏيئا ڏيهه
آئي راتِ اماسَ جي.

ٻرين جوتِ جيار تون،
سڙ ٻکي ۾ پيهه
آئي راتِ اماسَ جي.

آرهَا! اندوکارَ ۾،
تو وَتَ سيج سينهه!
آئي راتِ اماسَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

گهرَ گهرَ جوتِ جَلائي،
سانجهي آئي—

تُنهنجو ديپُ وسائَل ڇو آ؟
تُنهنجو مُنهن ڪوُمائَل ڇو آ؟
هَر ڪنهَن سيجَ سجائي!
سانجهي آئي—

هي جو مُرُ نه وَرِٺو آهي،
تُنهنجيءَ پريتِ اَنهيءَ ڪي چاهي،
ڪهڙي گَت بڻائي!
سانجهي آئي—

هاءِ، آڪين وَتِ ڏورا تُنهنجا،
هَنَ هنئين نينءَ ڪتورا تُنهنجا،
جن ۾ بوندَ نه ڪائي!
سانجهي آئي—

ڪنهن سان پريت لڳائي پڳلي،
جو اڄ راهه نه آئي پڳلي،
ساوڻَ رات سُهائي!
سانجهي آئي—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

او ڪانگهه ۾ ڪونجڙيو!
ترسو مان به هلان!
ساٿي ساري ديس ۾ منهنجو ڪونه ٿيو،
ترسو مان به هلان!
ڏوري مون کي ڏور ڪو پنهنجو ڏيهه ڏيو،
ترسو مان به هلان!
جو ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ مون کي پنڌ پيو!
ترسو مان به هلان!
ڪنيڙا تين ڪان اڄ ڪنيي، مون کي ساٿ نيو!
ترسو مان به هلان!
ترسو مان به هلان!

o

ڇوري پوءِ نه ڪيتڪي،
گجرا پاءِ نه پانهن ۾.
گهلي! ساري ڳوٺ ۾
ڳولين ٿي ڪنهن کي ليڪي؟
گجرا پاءِ نه پانهن ۾.
تنڙ ٿي تبارڻ ڇانو ۾
سارين ٿي ڪنهن کي سيڪي؟
گجرا پاءِ نه پانهن ۾.
سوچين ٿي ايندي ڪڏهن
پاران تنهنجي پالڪي!
گجرا پاءِ نه پانهن ۾.
پوري، ڪهڙي پالڪي!
گجرا پاءِ نه پانهن ۾،
گجرا پاءِ نه پانهن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

گھاگھڙ گھاگھڙ گھاٽ،
سِجُ ڪَٿي نڪتي.
سينھونءِ ويڙھي سانوري،
تڏھن ڇو آنھ اُڇات؟
سِجُ ڪَٿي نڪتي.
سورج ونسي سونھن سان
ساريئہ رات سَمات،
سِجُ ڪَٿي نڪتي.
تيٺ تہ ايندو تبو ڳرٿي،
ڇو تو ڳڻتيءَ ڳات!
سِجُ ڪَٿي نڪتي.

٥

اُپ ڪپر تي ناوَ،
چنڊُ پيو اُڀري.
گھر گھر مَھڪي مالتي،
ڇوٿي ڇوٿي ڇاوَ،
چنڊُ پيو اُڀري.
ڪاميٺ ڪُندن روپ ڪئي
ڪامديوَ جا گھاوَ،
چنڊُ پيو اُڀري.
سانجھيءَ تاڙي سار جا،
ڇا ڇا ھٿ ڇُھاوَ!
چنڊُ پيو اُڀري.

---

ڪاميٺ — ڪامڻي
ڪُندن روپ — سون جي شڪل واري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

آڏا لڪ تہ ڏس!

چنڊ پيو آيري.

گهوري بيٺو ڪنڌ ۾

هيٺ سر جو سيس،

چنڊ پيو آيري.

چڙهيو آن جي چوٽ تي

ڦهڪو ڪائي ڦيس،

چنڊ پيو آيري.

٥

هي نيرو آڪاس،

آڏيءَ جو آڪاڙ ۾.

ڪُوهي تو چنڊ ڪَجهہ ۾ ڪوئي منهنجو ماس،

آڏيءَ جو آڪاڙ ۾.

مَن مندر ۾ ڏيئڙا، هلڪو چندن واس،

آڏيءَ جو آڪاڙ ۾.

سون سان منهنجو پياز پڻ تيئو آ چيا ناس؟

آڏيءَ جو آڪاڙ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪَنبُ نہ تون ڪاپائتي!
ڪَنبڻ واريون ڪوھہ ڪَتينديون!

هين آتڻ ڪان اڳتي ڪائي
نـاهي پوڻ ٻوائـتي۔
ڪَنبڻ واريون ڪوھہ ڪَتينديون!

تورينڊڙ جي تانگھہ اَجائي
آهہ اڙي آسائتي!
ڪَنبڻ واريون ڪوھہ ڪَتينديون!

ڪَنبُ نہ تون ڪاپائتي!
ڪَنبڻ واريون ڪوھہ ڪَتينديون!

٥

ڳاڙها ڳيرو آئيا
دولھہ مُنھنجي ديس جا!

دَر دَر وَنڙيءَ پانھنجا
مُرڪي وار وڇائيا۔
دولھہ مُنھنجي ديس جا۔

واري تن تي جنڊڙي،
هي جي ويريءَ ڳھائيا۔
دولھہ مُنھنجي ديس جا۔

لال لَھوءَ ۾ گھوٽڙا
ڳوٺ ڳَلي سان لائيا۔
دولھہ مُنھنجي ديس جا،
دولھہ مُنھنجي ديس جا۔

٥

وَنجهہَ تـکـيـرا وِانجهيو!
گهاٽ ۾ پـري آهي.

ڪارا ڪُنَّ آٿاهہَ جا
آڇـا آڳيرا وانجهيو!
گهاٽ ۾ پـري آهي.

لَهرون لُڙ دريـاهہ جا
هـيـل ڳهٽيرا وانجهيو!
گهاٽ ۾ پـري آهي.

تَـڪرايو طـوفانَ سـان
سُرخ ڦُريـرا وانـجـهـيو!
گهاٽ ۾ پـري آهي....
گهاٽ ۾ پـري آهي....

---

ڦُريرو— جهنڊو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غـــزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٥

سکيي! هوا ۾ هنگاءُ آهي، گَلي گَلي گيتُ ٿي وٺي آ!
پيا بنا نينڊ ڪيئن ايندي، بسنت جي رات ٻيي چئي آ.

آنت آ هيءَ روپ-مايا، اڄا نہ ڪينڌرَ ٻہ گيت ڳايا،
آٿي سٿي لوڪ ڳاءِ چارڻ! صدا اڄا تو ڪٿي ڪٿي آ!

نہ ڪوڪ ڪويل! نہ ڪوڪ ڪويل! اسان اڳيئي ڏکي، ڏهاڳڻ!
ڏسين نہ ٿي چا پيرَهہ پري آ، لَهو لَهو رات نيردئي آ!

سڄي سڄي رات ننڊ نيٺين نہ آ اسان کي، تڏهن ٻہ ساجن!
پڌر پئي آهہ ڳالهڙي ڪيئن؟ نہ تو چئي آ نہ مون چئي آ!

’اياز، ڪلهہ مينڌري چيو ٿي، ’جڏهن چڙهي ڪاٺي چڪيا تہ،
’نہ ڪاڪ ساڳي، نہ آءُ ساڳيو، ڏٺم تہ مومل نئي نئي آ!‘

---

انت- ٻي انت.
نيردئي- ظالم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

چيٽ پورا ڪيا گهڙيءَ تي مون،
ڏس، نهائين آچا تتي نه تتي!

هوءَ پروڪي ڪڏهن پياريندين،
مٽ ڪولي ته ڏس، مٽي نه مٽي؟

اڄ تـه ڏاڍو اُداس آ آتڻ،
تند تو ڪا نئين ڪتي نه ڪتي؟

سانت، ڇٽ حي آذار، تيز هوا،
چنبڙ، چڪيا مٿان ٻٽي نيستي!

ريس توسان آوس 'اياز' ٿئي،
تو ڪنئي ڪاڻ، مون رتي نه رتي.

٥

لار تنهنجي لڳي آهيان لاٽا!
آءُ سوتي ميان، ڏينهن لاٿه گهٽا!

هيل پنهنجي چٽي مون ته ڳاڙهي رڱيي،
ڳوٺ ڳالهيون ڪيون ٿا ملن ميهٽا.

ٻڪ ڪنهن کي ٻيرهه جي نه آ پڙڻ تي،
آپيه پالهي ٻنڌي، چار تارن ڪٽا.

سنڌ جيئي سدا، سنڌ جيئي سدا،
راس آئي رلي، هڙڻ اوچي گهٽا.

اي 'اياز' اڄ وري ڏنڌ ڏاڙا هنيا،
روشني! روشني!، ڪن پيا ڪي ڇٽا.

---

ميهٽ ـ ميهٽو. مٽڙن موتڻ ميهٽو، ٿيا نظاري نروار. (پٺاڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ساگِ پَنهنجو پَنَليءِ سِندَ پو پي پِلي،
پياگِ واري سَدا پِڙُنءَ تي پِرجهلي.

تنو چيو 'سنڌڙي' مون چيو 'جندڙي'،
مون پرولي سَلي! مون پرولي سلي!

پريت ليلا بہ آ، پريت ڪَوَنرو بہ آ،
پريت پَرکي تہ ڪا مون جيان دِل جلي!

وِڪَ وِتَري ڪَيو تي اچي، تي آچي،
هِڙِ جهڙالي هوا، هِڙِ گلابي گلي!

سِنڌُ مرڻي نہ آ، اي 'اياز'، آ اچا
آجّ جو آسرو، ڪا تہ پاڻيءَ ڪَلي!

٥

هانءُ مُنهنجو هَرڻ، ريت مُنهنجي رِلي،
رات مون کي ستارا ستارا ملي!

روجُهہ رَمتا ٿيا ڪير ڪنهن کان پڇي،
آپِہ چا ڪان ڦِٽو، وِجہ ڪنهن تي ڪاي؟

ڪا تَرائي هُجي چانو چانئي هُجي،
آجّ مُنهنجي پُجهي، مان پوان آهلي!

تو سوا نينگري ڏيهہ ساري ڏنو،
ديل ڊولائتي ٽُور تُنهنجي تِلي!

ڪنهن نہ چاتو 'اياز' آهہ هي تو سوال،
ذاتِ سارو جَڳت، ذاتِ سوڙهي گِلي.

٥

جا خدا کان نہ ٿي، جا نہ امڪان ۾،
ڪالهہ ڪان ڳالهہ سا آهہ انسان ۾.

آءٌ زنجير پائي بہ آزاد هان،
تون تہ ظالم سدا آنهہ زندان ۾!

رات نانگڻ بہ آ، رات جوڳڻ بہ آ،
رَڪ جتائون اَنهيءَ جون سَدا ڏيان ۾!

مون نہ ڄاتو هُيو چَنڊ چارڻ بہ آ،
چاندني راڳ آ رات سنسان ۾!

هوءَ تہ مون کي چِتا تي وٺي ٿي ويا،
مينهن برسي پيو ڪالهہ شمشان ۾.

بادلو! بادلو! ڪُجهہ تہ برسي وڃو،
رات ترسي وڃو هن بيابان ۾.

عشق تنهنجو 'اياز' آهہ انسان سان،
هوءَ ڇو ٿا تہ تون ناهہ ايمان ۾.

## ٥

ٻني آملتاس ۽ تان ڪوڪ ڪويل ڪري،
ھوءَ ڀري آ، ڀري آ، ڀري آ، ڀري!

مورَ جا پَرَ تہ مون کي ڏنا تي ميان!
ناچُ سون ڪان نہ ٿيي، ريتَ ٻيئي ٻري.

مَڍ ڪٿڙو بہ آھي، ڪلالوا! ڏيو-
رات گھنگھورُ آ، ڪئن بہ تاٿو تري.

باڻَ ڪيئي گڻنا ٻہ نہ چارڻ تڪو،
پنگُ پيھر چڪي، چنگُ چوريو چري.

جيءُ ھو يا جھڳو، ڏاءُ پنھنجو لڳو،
جيتَ جا، ھارَ جا، ڪيرُ پُٺ تي وري!

سُر بہ تنھنجو ميان، سير بہ تنھنجو ميان،
ڪنڌُ تو ڪان ٻيو ڪيرُ تو لئہ ڌري؟

مينھن جي رات ڪاتي وڃو اونيو!
مانڙي ٿي پچي، باھڙي ٿي ٻري!

آءُ، رابيل مرجھائجن تا پيا،
ڪا سڳنڌ آھہ جنھن جي نہ تو ٻين سري!

اي 'اياز' آنڌرا! تو تہ پايل ٻڌي،
پيرَ سوچي تہ رکُ ڌرتيءَ تي ڌري!

---

آملتاس- املداس، چمڪٽيءَ جو وڻ.
پنگ- تير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

جهُوپڙي پاهران رات جهانجهر وڳي،
پير ڪنهن جا هُيا؟ ڪير مون ڪان ڏڳي!
سون جهڙي جُواني اسان ڪان وئي،
وار چاندي ڪيئہ، عُمر ايڏي نڳي!
ڪير هيءُ سُڃ ۾ تي وڃي اَڄ ۾،
ٿيي نہ پٽ تي ڏسي، لار ڪنهن جي لڳي؟
سُور تو لئہ سٺا، سار تنهنجي رهي،
زندگاني پرين! تار تنهنجي ٽڳي.

o

پيچل سواء ٻي تہ لڪا ناهہ لوڪ ۾،
هڪ ڳالهہ آ تہ جهانءِ نہ آهي جهروڪ ۾!
اوندهہ اَجاربي نہ اُڳوڻي چراغ سان،
نيزي مٿان اَپار نئون سِڄ نوڪ ۾!
ڪرها ڪُڏاءِ، ڪاڪ پري ناهہ مينڌرا!
چا جهي چڏيئہ ٻہ چار جڏا جيءَ جهوڪ ۾!
وِهہ ڪان ڪڙي پيار اسان کي اڙي ڪلال!
ها، اوت، اوت، اوت، اجا اوت اوڪ ۾!
شل ڪر ڪٽي ڪيرار مٿان اوچتو وسي،
مارو ميلن 'اياز؛ وري شال موڪ ۾!

---

جهروڪ- جهروڪو، چاريءَ وارو ڪنهڙو.
جهوڪ- رات جي منزل لاءِ آڻن جي ويهارڻ جي جاءِ.
اوڪ- پيٽ، زور واري برسات.
ڪيرار- پٽ شاهہ جي ويجهو هڪ ڏنڊ.

٥

هي هرڻ بانورو ڪيستائين هڄي؟
بادلن ۾ ٻُنڊ ڪا، ريت ۾ جنهن سان رڄي!

آءُ سورج مکي، ڏينهن منهنجو ڏکيو،
تون ته آپرين نه ٿو، آڪٽ ڇاتي ڪڄي!

آڳ ٻن ۾ لڳي، راڏڪا ٿيي رڙي،
ٻنسري شيام جي بي سري ٿيي وڄي!

او پرين! او پرين! آءُ، موتان پيو،
ڪير تو کان پڇي؟ ڪيستائين پڇي؟
سير ’اياز‘ اڄ ڏٺي، منڊ موتائجي،
مينڊ سنتي وڪي آهه ڪنهن نيرلجي.

٥

۽ تي نينگريون، چاندنيءَ ۾ پٽڻ،
لٿيون اپسرائون سڄاول ۾ ڇڻ!

پني رات، ڳهرا ٿيا ڳوٺڙا،
آسارو آسارو گهٽي ٿو ڏکڻ.

متارن پري آپ هيئان نه سمهه!
ستارا ڏسي ياد ايندءِ سڄڻ.

آڙي رات تارن پري! تو ڏٺو،
ترائيءَ مٿان هڪ آکيلو هرڻ؟

ڇون ٿا ته آ ذات آڪاس ڦل،
ڇون ٿا ته پنهنجو نه تون ٻوڪ وڻ.

برينءَ جي پکي ۾ وچين ٿو ’اياز‘
تڙي آهه ٽانگر ٻه تي، قول ڪڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُونجَ ڪِرڪي پَئي ڪا اُتر پار جي،
ياد آئي اسان کي وَري يارَ جي.

اڄ اُتي جي هَوا جيءُ جهوري وڌو،
سينگَتَ ڇڪي وَئي اوچتو سارَ جي.

تي ڪَپا اڄ شفق قوسِ آن ۾ ڦِٽا،
ڪانَ جهولي پَري ٻُر مُڱٿهارَ جي.

ڪيترن ڪَنوَلن سان سَجايل هئي!
ٻانهَن ڇو تو آڪارڻ ڪَپي ڏارَ جي؟

اي "اياز" اوچتو ڦَٽ ڪولي وئي،
چيٽ جي چانڊني، هيرَ ولهارَ جي.

ڏُور ٿيندا وڃن روز جهوڳيئڙا،
تون آڄا ٿو جيئين، هاءِ ڙي جيئڙا!

اوچتو مون ڏٺو آپ ۾ آسائِتو،
راتِ ڪاري هئي ڏيئڙا ڏيئڙا!

مون نه ڄاتو ته اي سنج جهڙا پرين!
روز پاتا پئي تو لڪي ليئڙا!

آءُ مُنهنجي تنڌي، ويهه اوري آڏي،
ساهه تو کي سڏي، اوءِ سانگيئڙا!

ڇو "اياز" اڄ وري چانو ڳولين پيو؟
پنڌ ڏاڍو پري، آهه پانڌيئڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪيتَ ڪَڙا ٿيا، ڏينهن ڏاڍا تتا،
آءُ ڪاري ڳهتا اڄ ته ڇوڙيءِ ڇتا!

واءُ سان وَنجهه ڪيڏو وڙهن ٿا پيا!
جڏهن آئو لڳو، مُڙس مانجهي متا!

پريت ۾ جيترا جيءَ جوکا ڪَنيا،
اوترو مَدُ مِتو، راڳُ مُنهنجا رَسا!

روز جهڙلڪا لڳا، روز خوشبو پکي،
واءُ ڪان مون وَتا پار تُنهنجا پتا!

ٿيو 'اياز' اڄ وَري جِتِ آڪارَتِ لڳي،
سانوري ڪان سوا هيءَ سمُوري سِتا!

٥

تو جُلي هي جبل، لڙءَ هوريان ته هَلُ!
پندُ پنهنجو پري، ڏينهن آهي ٽِتَلُ!

سِجَ تارا ڪَڍي، واءُ وَرَ وَرَ وَڏي،
بَرَسُ ڪيهون ڪَري، اي چمر! ڪر نه چلُ!

ڪو پکيءَ جو نه پرُ، تو هري ڪيرٿرُ،
چيچَ جي چانورَ ۾ ڪيرُ آهي سٽلُ!

واءُ واريءَ مٿان تو وَراڪا ڏئي،
جو آڏائو ٿيئي، ڪا ترائي نه تلُ!

اي 'اياز' اڄ نه ڏِس پيرُ پنهنجا پٿون،
ڪا ڳهڙي ساهه پٽ، آ پري، هڙ پنهل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

رات جي راتيءَ ڪٿي . ڦلهارُ آ،
واءُ ۾ ڪنهن سانوري جي سارُ آ.

ڪوُنجُ ڪا اُڏري پئي سَنجها سمي،
يا اُفق تي ڪا لهوءَ جي ڌارُ آ!

ياد بندرُ بمبئيءَ جو تو اچي،
جيءَ ۾ جهرمر ڪئي ڪنهن يار اِ.

ڳوُنجُ آ هر گيت ۾ جنهن جيي 'اياز'،
هاءِ، سو ڇوُ دؤر آ، ڇو ڌارُ آ!

o

اڄ ڏسي ڳاڙها ڪڪر آڪاس ۾،
ڌرتيءَ ڪي آسُ آئي آسَ ۾.

تون پري آهين نه ، ڇا، آهي پنل،
رات پر رابيلُ تنهنجي واسَ ۾.

نيٺ پادل برسندا هن پونءَ تي،
نيٺ ايندين ڪنهن ڀيني ماسَ ۾.

هي هرڻُ ڏاڍو هنيلو هو 'اياز'،
ڪنهن پراڻي ڏڍ نه آيو پياس ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هي سيارو، هوا، منهن تي مات!
ٿيي سڏي ڪا وري جڏيءَ ڪي جات.

رات ڪاري، هيٺ هيٺ جگنو،
تيز ڪائي پٽي ڏيٺي جي لات!

وڄ ڪنهن تي وڃي ڪري ساٿي!
اڀ ۾ اوچتو ٿيا چمڪات.

جي نه ريجهي رُنو، پلئه گل، پاءِ!
نينگري! تو ڪيا گهٽي نات.

ڪنهن نه چاتو ته ڇو هيا سرها،
هو آڏيءَ تي 'اياز' اوچا ڳات!

٥

شاعري جي روح گرمائي نه ٿي،
منزلِ مقصود ڪي پائي نه ٿي.

گونج تنهن جي چا ڪبي، محبوب جو
ڪونج جي پيغام پهچائي نه ٿي!

گيت منهنجو ڌرتيءَ جي دانهن آ،
ڪا ڳڻڻ واري ائين ڳائي نه ٿي.

اي ٻڌي! پاڪار ٻانهون ڀر! رڳو
پريت ڪنهن کي پار پهچائي نه ٿي.

تو ڪري راڪاس راڙا پر 'اياز'
هيل تنهنجي سيند گهبرائي نه ٿي.

٥

اگر دائم آهي تہ درياهہ آ،
گهڙيءَ لاءِ هي گهيرُ تنهنجا هيا.

پڻائي! اسان جي پريءَ جهول ۾،
ٻُڌوسين ٻہ ٽي ٻير تنهنجا هُيا!

اِهو چيرُ - چمڪو سُڄاڻان پرين،
ٻُڌيي ٻاهران پيرُ تنهنجا هُيا.

ٻُرو نانهہ ٻنيور اِيَ پورڙي!
ڏِنہ ڏوجهہ جن، ڏيرُ تنهنجا هُيا.

آڙي ڏيهہ! تون شال ترڻانءِ ٽين!
وِلهيءَ سان وڏا ويرُ تنهنجا هُيا!

اڃا هانءُ هاريو نہ آهي 'اياز'،
نوان روز انڌير تنهنجا هُيا.

٥

ڪي مالُ ميڙن، ڪي آڪيڙن ٿا،
ڪنهن ڪونہ چاتو ڏڏڙا نيڙن ٿا.

مُنهنجي آڳڻ تي آڪاس-گنگا،
تارا ٻُڌن ٿا، تارا ڪيڙن ٿا.

مُنهنجيءَ تِرائيءَ پائي پار جو،
سڀ روجهہ ريجهي، جنهن تي ميڙن ٿا.

ٿا گيتُ مُنهنجا چاريون وچائن،
ڪنهن گهيرُ ۾ چڙ گهاتو گهيڙن ٿا.

ڇا ڇا چون ٿا ماڻهو آياڻا!
اي ذات، توتسي ڪيڏو ڇيڙن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ۵

تو لَءِ تڪيندي ڏِٺا اَجهاٽا،
ڇو نه ڪونه آئين تون رات راڻا؟

هيءَ هيءَ بسنتو! هي قوُل پنهنجا
ڪنهن لاءِ آندو مُنهنجي پڄاڻا؟

هيءَ هيءَ گهٽائو برسي نه بَرسيءَ،
هيءَ هيءَ اَڇايل هي پوڻ پاڻا!

اي چَندا! تو ڪي پهچي نه پهتا،
اَڄ گيت مُنهنجا ڏاڍو اَڏاڻا!

مَهڪار آهي ڪائي ميٺيءَ ۾،
هي ڪير مَهڪي آن ۾ سماڻا؟

اي آسانو نيرا جهانو!
ڪيڏانهن ويندا ڏرتيءَ ڏڪاڻا؟

رابيل جا گُل پوئي ته آئين،
پر هار ڪنهن کي پائين آياڻا!

مايوس آهين اي مِنترا ڇو؟
موسَل ڪندي آ ڪنهن وقت ماڻا.

اڄ ڪلهه 'اياز' آ مرهم مهانگي،
۽ گهاو تنهنجا آهن پراڻا.

٥

هُوندي مايا آپرمپار،
ٻَنهي واري رَبَ سَنڀار!

رات تہ ڪاري نانگ آهي،
گاروڙي تي رات گذار!

ورلهہ وَسي ٿي اوندهہ ٿِي،
ٿانڊاٽو ٿي ٿاٽو ٿار!

توتي ڪاوڙ ڪوهہ غلام!
ناهہ غلاميءَ جهڙي گار.

دور آسارا شاهہ بَلوط!
توڻ ڪو پَنهنجو ٻوٽو ٻار!

ڪاٺياري جي ڪنهن کي ڪاڻ؟
واهَر ٿي ويساهہ نہ ڌار!

هر ڪنهن پَنهنجو پَنهنجو ڪَرم،
هر ڪنهن پنهنجي پَنهنجي ڪار.

جنهن مِٽيءَ تي مَرڻو آهي،
تنهن مِٽيءَ کي ڀرين سار!

ڪالهوڪي جو کهڙو تاءُ،
اڄ ڪو آجرو سيجہ اُپار!

هٺي آهي هردم ويڙهہ،
آڏي پنهنجي ڍال نہ ڍار!

هـر منزل کـان، اڳتي وڃ!
ڪنهن منزل تـي پير نه ٻار!

اڳتي ايـنـڊا ڪارا ڪُنَ،
پـوء بـه وچٿو آهـي پـار.

دُنيـا جنّت تيئي نـاهـه،
پـوء بـه دوزخ تـي ڦِتڪار.

ٻاڙهي گُل جي خوشبو سنگهه،
۽ پوء ڪنڊي تـي ويچار!

ٻڌ يـَل ٻئي جي ڳالهه ”اياز“!
پنهنجو پيغمبر تـي گهـار.

---

ابرمپار— بي انتها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

آڏيءَ آتــي تــا هڙ گيت جــوڙن،
شاعر پکين کان آڳ ۾ پتوڙن!

پيروُن پچن تــا ڪــاري ڪنڊ ۾،
ڏرتــيءَ منجهان تــا آمــرت نچوڙن.

اڄ گيت منهنجا ڇپيتي آچيتي
مــاتــو مٿيءَ جـــو وينا ولوڙن.

هر هر ڪجاوا آيــري آچن تــا،
ڪرها پيتن مان تا واٽ ووڙن.

ٻيــڙي ڳري ۽ اوپر آنــائــو،
وانجهي وسوڙا تــارن نــه ٻوڙن.

منهنجي پتر ۾ پيرا پرينءَ جــا،
او شل نيڏر ســان ناتا نــه توڙن!

ڪيهانجهي چو ڪوري ڪتڻ ڪــان!
ڪاپــائتيون ۽ رنـــديا نه روڙن!

هيءَ هيءَ 'اياز' آڄ هي جاڳ ـ سپنا،
تــا جيءُ منهنجو ســارو جهنجهوڙن!

٥

آڪاسُ نيرو، نرمل اُجالا!
پَرَ پَرَ ڪَلالا، پُورا پيالا!

تولاءِ تُنهنجا سونا سنگهاسَن،
مون لاءِ مُنهنجي هيءَ مِرگهه ڇالا.

ڪويَل ڇو تي هيءَ ڪوڪ ڪهڙي؟
سون گيت ڳاتا سَڀ ڪان نرالا.

ميهَر ڏسي تو، تارا ٻرن ٿا،
مُهٽي سُڪائي تي وارَ آلا.

اوتار ناهيان پر پوءِ به مُنهنجي
بَنسي وڄي تي گهر گهَر گُوالا!

سِيندُو سُنهري! تو ڪي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، ڇا ديپ-مالا!

اڄ ڪَلهه 'اياز' آ هر گيتُ تنهنجو،
اندَر نگريءَ ۾ ڪا جُوالا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

رات وارن کي وري چنڊ کو ڏني،
اونچو ڪاري گهٽا برسي پئي.

ڇو ڏهر ۾ تي وچين ڏيئو ڪٽي؟
رات ڪارونيار جيءَ آهي، هٽئي!

ڪا گهڙي سارا جهروڪا بند ڪر!
واءُ ڪيهڙون تو ڪري اوبي ڇٽي!

سير، سٽي، تيز طوفاني هوا،
سارُ ساهڙ جي، ڏسائون سُرمٽي!

تنهن پڇاڻان ڪاڳ ڪي مان ڇا ڪيان؟
مينڊرو مون کي ويو کو ڏنءَ ڏئي.

ڪنهن وچن جي واسطي، پنهنجي 'اياز'!
زندگي بنواس ۾ گذري وئي.

---

ڏهر- پٽن جي وچ ۾ ميدان.
سُرمٽي- سُرمي جي رنگ واريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

اجا بہ نُل تي هُيا نڪاتا، اجا بہ ڪي سَنڪَ سارَ ۾ ها،
سِگِي وَ کَپي ٿي، سَنئين لَکُہين ڪي، بہ چار پڪشو وهار ۾ ها.

عجيب هي آخَريون هُيون جي لهو لهو ٿي ويون تُنبي تي،
عجيب هي ولولا هُيا جي. نہ تندُ ۾ ها نہ تارَ ۾ ها.

جڏهن اسان خاڪ تي وياسين، تڏهن وَسي ماڪَ ميڪدي تي،
رُنو صراحيءَ، ڏنو نہ ساغر، پياڪَ پنهنجي خُمار ۾ ها.

آتاهہ. اُڏما ڏِڪار ۾ ها، ڏِڪار جا پيار جي سَڪي آ،
سَوين آمر. گيت آدميءَ جا، نہ چانڊنيءَ ۾ نہ پيارَ ۾ ها!

سَجهي تي توڪي رُڳو ٿُولي، سَڪي! ڏنو مون جڏهن بہ ساڄن،
آواڪُ واڪا اَڪير ۾، ها، آبار ناتا نهارَ ۾ ها.

'اياز' هر شعر آهہ تُنهنجو اُئين جُئين ڪو گُلاب جو گُل،
ڏني نہ بي ڪنهن بہ سُرخ خوشبو، آنيڪ پِرتا بهارَ ۾ ها.

٥

تيکا ڪيئن نہ ماري وَيا تاڙ تِرَ!
لَتو هَنج ڪو ڍَنڍ تي لاڙَ ۾،
اسان ذات سان هي ڏِسائون رَڳيون،
ميان، تون تہ پوري هئين ساڙ ۾!
ڪَياسين آيا رَتَہ رُتا جهنڊا،
وياسين مَٽي ديس جي ماڙَ ۾،
آياري وَيو آڳ ڪيڏي 'اياز'،
بغاوت ڪَري گيتَ جي آڙ ۾!

---

ڏِسا طرف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

نہ موٽو ڳهڙيءَ لاءِ گهاٽو ڏئيي،
ڪلالو! وجهو مڌ-ماٽو ڏئيي.

اڄ ڏيءَ کي ڏنئہ ڪيتري پيار سان!
اسان کي آيو اوچ ڳاٽو ڏئيي!

مستان رات ڪاري، آسڙنهان آسان،
ڇڏي ڇو وئين تون ٻہ-واٽو ڏئيي؟

اٽر اڄ تہ ڪيهڙن ڪري ٿو وسي،
ويو سيءَ ڏاڍو سياٽو ڏئيي.

بغاوت پريا گيت ڳائي 'اياز'،
چڙيءَ کي وئين ڪو چپاٽو ڏئيي.

٥

ٽنيءَ ۾ گهڙو ڪا پري ٿي هٽي،
ٽري سونهن چمڪا ڪري ٿي پٽي.

اهو ڪانڌ ڪهڙو؟ انهيءَ کي ڏسون!
سڀاڳڻ تہ ٻهہ ٻهہ ٻري ٿي پٽي!

اٽي جي هوا ۾ ڪنبا مور پر،
ٻڪيي ڊيل هر هر ٽري ٿي پٽي.

ڪرايون ڳچيءَ ۾ وجهي ڪانڌ کي،
ڏسي ورچ وينگس ڏري ٿي پٽي.

مٽڪيءَ کي ڏجي ساهہ گهوري 'اياز'،
مگر ڇا ڪجي، جو ڀري ٿي پٽي!

٥

پَلا پِنڌُ هڻن کو اُڀَرو ڪَري!
تڏي چانوُ آ، وَڃُ ڏُڀرو ڪَري!

هَوا! ڪانهَن بينؤن ٻڻائي وڃاءِ،
وَسيهَر اَني کو تہ لهرو ڪَري!

اَچا مَٽ مَتو ناهہ، ترسو ذرا،
پياڪو، اَچا رنگُ گَهرو ڪَري!

اسان جو سَدا ڪُنگري تي ڪَمند ـــ
پيو تيرُ انداز پَهرو ڪَري.

نئين جاڳ آندي، ويو هو 'اياز'!
اَڳوڻو غزل ديسُ گهرو ڪَري.

٥

ويچِ! تون چو نہ تو ورائين ٻانهن؟
چيا ٻڌين ڪونرُوڌ ڪيءَ جي ڏانهن؟

ڏِسُ تہ تَلوار جئن تکا آهن،
تو سُڪايا تہ چا ڪَنڌيءَ تي ڪانهن!

هي تَڏي تي اَڪُٽ نکَٽ تُنهنجا،
هي جڏو جيءُ، هي آپار پرانهن!

تو سڏي بار بار آڳاتو،
۽ چڪي چوءِ مان 'اياز' آڳانهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ٿڌي جي هوا ۾ گلابي بدن،
ڍڪي ڪيئن اجرڪ سڄو واس وڻ!

مياڻي ٻه مهڪي مڇيءَ ڇٽ ۾،
مسافر، اهو آهه منهنجو وطن!

نه 'خسروءَ' ڏٺو هو نه 'غالب' ڏٺو،
غزل در غزل آهه پنهنجو چمن!

اها سنڌ ڪعبو به، ڪلشي به آ،
ڇڏي ڇا به ڪو شيخ يا برهمن.

انهيءَ تي اسان جي خدائي ڪٿي،
نه فردوس بهتر نه باغ عدن.

جڏهن 'ڪُن' چيائون، اسان کي ميلي،
اهائي ته ڌرتي، اهوئي ته ڌن!

گوالي نه گوپي ڏٺي هيئن ڪا،
ڏسي جي ته ساري نه ٻنسي نه ٻن!

انهيءَ لاءِ بنواس ڀوڳيون پيو،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن!

مسافر! رکيو نيڻ جي چانڊ ۾،
اچي ويٺو سون سان، ڪندن نار متن؛

نه چائين ته هن ديس ۾ آهه ڇا،
نه سمجهين ته چاتي ٿيو من مگن!

هتي ڪٽڪ ۾ سنگ سونا ٿين،
هتي ڌرتيءَ ڪي روپهري بدن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي هارَ پوئي آتر جي هوا،
هتي ريت جو هر ڪڻو آ رتنُ.

جڏهن تو وسي مينهن جي منڌ ۾،
لڳاتار سوتي چٽي روز چنُ.

جڏهن سِنڌُ تي سرمئي راتڙيون،
ڪسي نِنڊَ نيڻان اسان جي ڳگن؛

ڏسي چيٽَ جو چنڊُ آڪاسَ ۾،
اسان کي اچي ياد پنهنجو سجنُ.

هتي گيتُ حيتي ويو موت کي،
تنبورو هيو يا پناڻيءَ جو تنُ!

اُنهيءَ کي اڏائي وڃي چو هوا،
پپل مان چٽي جو پيو ڪالهه پنُ!

اُني جي هوا آ، تڏا سام آ،
آلا جهڙ ٿيو مارئيءَ جو ڪفن!

چنيسر ٻه ڏوڏو ٻه منهنجو ميان!
چوان آءُ ڪيئن اُنهن جو چلن!*

ڪڇاڙي ڏيان ڏوهُ ڪهڙو 'اياز'!
ڪپي جڙ اسان جي وِيو ڪالهه ڳن.

---

* ڳڳن ـ آڪاس.

○

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اچا،
تو اسانِ کي پيو آزمائين ·اچا!

آ گھٽو ڪا گھٽڙي، ڏرس ٻڌين تي ٻڙي!
پريت ميهار سان تي نيائين اچا!

ڪيچ جا پيچرا مانُ چمڪي پئون،
باھ پنيور کي جي لڳائين اچا!

سوتُ هڪ تاجُ آ، جيڪڏهن عشق ۾،
تون سري سِرُ اڏيءَ تي جهڪائين اچا!

اي 'اياز' اُگھہ اکيون، جي وِيا سي وِيا،
پوءِ ڪين جا پيو تون پڇائين اچا؟

○

ڪيچ ڏي آءٌ چو تي ڪھان اي ادين،
چو نہ پنيور جي تي رهان اي آديون!

هي پنھون جو پراهون ٿيو اوچتو،
سوز تنهن نہ ڪيسين سهان اي آديون،

راھ ڪائي نہ آ، واھ ڪائي نہ آ،
ڪن ٻھڻ پٻُ جا هڙن نہ هان اي آديون!

هو پري جو ويو سينڌ سيندور سان،
ناهہ پني سان ڪري، ڪئن نهان اي اديون!

٥

ٿيي ماڪ وسي ميخاني تي، ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪجهه ڳاٽ ڳهڙ مان چرڪن ٿا ۽ جام جهلي واجهائين ٿا.

موڻ، سهڻا! تنهنجي ساڪ ڪئي ۽ لوئيءَ تنهنجي لاڪ هڻي،
سي ڪانئر ٻيي ڪنهن ڪڙم منجهان، جي پريت ڪري پڇتائن ٿا.

ڪا هرڪ نہ هاري هوتن تي، هي پنڌ نہ آهي پونن جو،
ٿا ڏاڍا ڏوتڪر ڏيکارن، جي پيچ پيار ۾ پائن ٿا.

ڪي ڪنڌ جهڪائي ڪنڌيءَ تي، ٿا پاڻ ڇپائن ڇوهي ڪان،
ڪي وانجهي سير وسائن ٿا، درياهم جڏهن دڙ لائن ٿا.

هين شيشي-گهر جا دروازا، نادان، اگر ٻوٽين بہ تہ ڇا!
پٿر تہ پري، پوري گهر ڪي ڪجهه ٿهڪ رڳا ٽڙڪائن ٿا.

آ مهڪ هوا ۾ مينديءَ جي، سي گهوٽ اچن ٿا گهايل ٿي،
جي لال لهوءَ ۾ ليٽڙجي، اڄ رت جي ريت نڀائن ٿا.

ڪي پنهنجي پيو ۾ پٽڪن ٿا، ڪي ڪانيارا تي ڪڙڪن ٿا،
تو چوري چنگ 'اياز' اٿي، جيت ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

---

دڙ- زور سان، وري وري آئندڙ آواز.
پونو- ميدان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

جني هاڻ نه هارين کوهيارل! هي ڏينهن به گهاري ويندا سين،
چئو پير پهاري وينو آن، اُٺ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، ٻي ٻيڙي ڪابه نه آڇٽي آ،
جي تون به آچين او وڻجارا! تو ڪي به آڪاري ويندا سين.

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان ته رڳو هين سنڌوءَ تي، ڪا لهر اُڀاري ويندا سين.

ڪا جهرمر جهرمر جُڳنوءَ جي، ڪا ٽمر ٽمر تاري جي،
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي ته سهاري ويندا سين.

آ مرڻو... هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر هيئن نه مرنداسين ساٿي!
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

تون آءُ ته اوريون اوراڻا، ڇو عجيءُ سهي هي جهوراڻا؟
تون ڇا ڪاڻ ڇرڪين تو راڻا! اڄ ڪاڪ ڪناري ويندا سين.

ڇو گهٻرائين تو ڪوٽ ڏسي، هي اڏچي اڏچي اوٽ ڏسي،
زندان آڏائي ويندا سين، زنجير پگهاري ويندا سين.

تنهن وقت ته مون هي ڄاتو هو، هي ڪاريهر سان ناتو هو،
جي هائي سناٿ سڄاتو تو، هي ماري ماري ويندا سين.

تون ڪر، جو توکي ڪرڻو آ، هي ڏور ٻه نيٺ گذرڻو آ،
ڪنهن وقت ڏهيسر مرڻو آ، بنواس گذاري ويندا سين.

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان اچا تہ پري آهي-

ڪو واءُ لڳي وڻ ڏوڻي ٿـو،
۽ ڇڻ ڇڻ پنَ ڪِرن ٿا پيا؛
آ ڪڙ ڪڙ، ڪڙ ڪڙ ڇڪڙي ۾،
پر ڦيٿا پو بہ ڦِرن ٿا پيا.

ڇا لاءِ وڃين ٿـو ڇڪڙي ۾،
تـون ٻيهي ناڪي ناڪي تـي؛
۽ هيڏيءَ هڙ ۾ ڪـوٺ پڙي،
تو ڇرڪين جهاڪي جهاڪي تي!

طوفان اچا تہ پري آهي-

پر تيز هوا جـي گهوڙي تـي
هڙ اچـو آ، هڙ اچـو آ؛
هـر ڦـمـو ڦـرنـدي ڍهڻو آ،
۽ ڪونـي سـمـڻ مچـو آ:

هيءَ ڪوٺ، آڏاہي وچڻي آ-
تون پنهنجا پول پچين تہ چڱو؛
۽ تيز هوا جي گهوڙي تي،
تون هِن سان پيلھ وڃين تہ چڱو!

---

پول پچڻ- وهم مٽائڻ، خوف دور ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-
مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن!

هِن سَرَ جي گدلي سينور ۾،
هي نيل-ڪنول بہ تہ ڏوهي آ؛
۽ ڪوبہ چڪور انڌاري ۾،
جي آڏري ٿو تہ دروهي آ-
هي ڏوهہ نہ آهي، ماڻهوءَ جي
مون ميٺي پيهر ڳوهي آ!

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هي ڏوهہ نہ آ، آڪاس چڙي
مون پريت لڳائي ڌرتيءَ سان؟
هوءَ سانجهي جا ست-رنگ هڻي،
مون ڪانءِ قبولي سيج ڪنان-
ٿو آڳم-آڳم تي آيران،
۽ ڪيرٿا ڪيرٿا تي برسان.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هوءَ ڏڏتا ٺهنجيءَ ڌرتيءَ جا،
پوءِ صوفي ها يا جوڳي ها!
مون گهاتي بڙ جٽن چانور ڪئي،
هوءَ ثانگر سارا نوڳي ها-
مون روز سڳهارا گيت چيا،
هوءَ راڳي ٺهنجا روڳي ها!

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هيءَ ڳاڙهي ڏاڙهي مُلان جي،
هيءَ ڪاري چوٽي پانڊي جي-
مون لاءِ ٻنهي ۾ ڦير نہ آ،
ٻئي آگ اُجهاٽل تاندي جي-
سڀ دين ڌرم جي ڌوڪي ۾،
تا ڪوٽ ٻرن ڪاٺانڊي جي.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هي ڏوهہ نہ آ، هن ڌرتيءَ تي
ٻون دل جي ديولَ جوڙي آ؟
تو نفرت جي ديوار ڪئي،
مون اُن جي ڀاڙ اُکوڙي آ-
مونِ ڳاتا گيت محبت جا،
مون واڳ وطن جي موڙي آ.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

تو سڌڙيُن ڏيان هٿرَ سڏڪي ڪي،
تون جاڙ ڪرين، مان ماڙ ڪيان؛
تون چيٽي جئن چنگهاڙ ڪرين،
مان راڳي وانگر راڙ ڪيان-
مان تنهنجو وچتر ويري هان،
تو توتي ترچي تاڙ ڪيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

تون ٻيون جهونتو ٻـَـت - جهـَـڙ جو،
مـان ڳاڙها ڳـَـپ بهارن ۽ جا؛

تون چوٽِ نہ لاٿين پاڇي کي،
مان ڳايان گيت چمارن جا!

جيتڪـَـٽ ڪـَـڙهي، جيتلوهہ رجي،
آت ڏ َرٽـا ڏنوٽيءَ وارن جـا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

سون گيت چيا ها ڪويل ٿي،
ڪـَـلهہ ڪيسوڦل جي ٽارين جا؛

تو جهرمر جهرمر گيت چوان،
اڄ جهڙمر جهڙمر سـارين جـا-

ڪي گيت ڏجهايل ڏاتـن جا،
ڪي گيت هـَـپايل هـارين جا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

جنهن وقت اُٻـَـن ۾ آؤسر تـي
ڪي آسـَـرونـد اچـن تـا پـيا،

۽ آنـڌيءَ مـانجهيءَ اوٻـر ۾
هي سـاوا گيت پڇن تـا پيا،

تـو آءٌ وڏي ويـڙهاند ڏسـان،
۽ مـُـنهنجا انـگ نچن تـا پيا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

جنهن وقت لٽڪن ۾ لوساٽيل
انسان ڏٺا اين .مان نڪرن تا،
جنهن وقت ڏکن ۾ دونهاٽيل
مزدور ميلين مان نڪرن تا،
مان پنهنجي تند تپايان ٿو،
ٻه درد دلين مان نڪرن تا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

مون آزاديءَ جي ٻُڌي هنئي،
مون لاٿا طوق غلامن جا،
هي گيت هئا يا جادو ها،
زنجير ٽٽا ايامن جا!
سڀ موتي سمجهي چونڊن تا
اڄ ڳوڙها مُنهنجي دامن جا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

مون ذات انوکي آندي آ،
تي تند وڙهي تلوارن سان!
ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن
تو آءٌ سنڌ ديوارن سان،
تا تنهنجا ڀاري برج لُڏن،
تون هيٺو آن هٿيارن سان.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان.

تون مون کي ڦاهي چاڙهيندين،
مان توکان مُڙ نه مرڻو هان.

گنجار کندي جا مون کان پو،
تنهن جندڙيءَ جو مان جهرڻو هان.

پيو. چارڻ ٻڌجي، چنگ ڪٽي،
مان وَرڻو هان، مان وَرڻو هان.

سي پهرين ڏوهي سڏجن ٿا،
جي ڏاها ڏيهه-ڏيا آهن.

مون ڪيئي ڏوهه ڪيا آهن،
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان.

---

راڳو- شينهن
ڪيسوڦُل- سنڌ جو هڪ وڻ. جنهن ۾ نهايت رنگين گُل ٿيندا آهن، جن مان رنگ ناهيا ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

چا سوچان ٿو مان، ڪيئن چوان!

جيئن جرڻ-پڄڻارو سپني مان
جاڳي، ۽ شور سمندر جو
هن تي سايا جا وار ڪري.

جئن سندر ناري قولن سان
پهچي، تہ پروهت مندر جو
پٽ کولڻ کان انڪار ڪري.

جنهن وقت بہ پنهنجي ديس اڳيان
تو اوريان ڏکڙو اندر جو
تو مون تي ڪن-لاتار ڪري.

چا سوچان ٿو مان، ڪيئن چوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

’تون ڪير؟‘
’اڙي مان رومي هان!‘
’اي رومي! مون کي وقت نہ آ،
’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘

’تون ڪير؟‘
’اڙي مان تلسي هان!‘
’اي تلسي! مون کي وقت نہ آ،
’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘

’هن پٿر ۾ اڄ نيٺ وڃي،
’مون ڏورا ڏاري، جان وڏي!
’اڄ آهہ تصور روپ وٺو،
’اڄ منهنجي ڏرتي آ مرڪي!

’هيءَ مرڪ سنورڻي آهہ اڃا،
’ڪا ريکا پرڻي آهہ اڃا،
’هي روپ نيکرڻو آهہ اڃا،
’ڪا منهنجي ڪرڻي آهہ اڃا.

’اي رومي! مون کي وقت نہ آ،
’اي تلسي! مون کي وقت نہ آ،

’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘
’اي راڳي! مون کي وقت نہ آ‘.—

---

رومي— فارسي شاعر، جلال الدين رومي.
تلسي— هندي شاعر، تلسي داس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

اڄ ڳوڙهي جهڙو مينهن وٺو،
ڪي هٿڙ دعا ڪان ٿا ٻان ڪَن؛
ٿا دور ستارا ٽم ٽم ڪن،
۽ در تي ڏيئڙ ٿان ٿان ڪن—
اي ماءُ! اڃا ٻه ٽه آرهڙ ۾

هُوءَ ڪونہ آيو!
هُوءَ ڪونہ آيو!

سون روز مَڄر جي ٽارين جا،
ٿي ڏيرا لڳايا آڳُر ۾!
هُوءَ ڪَرهو ڪاهي اچڻو هو،
پر منهنجي ڪائيازي ڪُر ۾—
اي ماءُ! اڃا ٻہ تہ آرهڙ ۾

هُوءَ ڪونہ آيو!
هُوءَ ڪونہ آيو!

سون هُن لٿہ ڇا ڇا سيءَ سنا!
ڇا ولهہ ڪيا وسڪارا ٻها!
او شال! اچي هُوءَ آرهڙ ۾،
سون روز ڳجهيءَ ۾ ڳارا ها—
اي ماءُ! اڃا ٻہ تہ آرهڙ ۾

هُوءَ ڪونہ آيو!
هُوءَ ڪونہ آيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هي بيتُ آٿيي، هي ٻر-ڳولو،
جيڪي ٻہ ڪٿين، جيڪي ٻہ ڪٿين!

سون لاءِ ٻنهي ۾ فرق نہ آ،
هي بيتُ ٻہ ٻم جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ راتڻ ڪيا راڙا،
تنهن هڏ ۾ چم جو ساٿي آ—

هن بيتُ سچي ڦهلاءَ مثان،
جا ضرب هڻي، سا ڪاري آ؛

هي بيتُ - آنهيءَ انبناءَ مثان
بيدرديءَ سان ٻمباري آ،

جو ماڻي تنهنجيءَ پنڊيءَ مان
هر روز ڪٽن جي وات وجهي،

۽ تنهنجا گيت چني تتوڪان،
تنهن ڪوڙي تنهنجي ڏڙ گهٽ تي—

هي بيتُ ڪيهڙ جو بيتُ نہ آ،
سون آن ۾ ڪو ڪو پڙهيو آهي!

تو اڳ ٻہ ڪيئي بيتَ ٻڌا،
تو وهم جہ ڪَ پڙهہ آهي—

تون پڙک تہ هين جي قوّت کي،
هـن کيئي قلعا مسمار کيـا؛

اڄڏير نـگر جـي ٻُرجـن تـي،
مون اَن سان کيئي وار ڪيا.

هـي بيت آئيي، هـي ٻـرگـولي،
جيکي ٻہ ڪٽين، جيکي ٻہ ڪٽين!

---

مسمار کيا، ڊاهي ڊير کيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

دلِ روز ڇوي ٿي دور وڃان،
مان پوپاٽيءَ جي پنڇيءَ جان؛
ڪنهن پوري ناسي بادل تي!

هي ماريءَ ٿي هر وقت اَلِرِ،
هي شعلا شعلا منهنجا پَرِ —
ڇا جيءَ جلي ٿو جهَل پَل تي!

ڪِٿ ويريءَ جي والار نه آ!
ڇــا آ جي ڪابہ آڌار نہ آ
هن هيڏي ساري جَل ٿَل تي؟

ڪنهن وقت سيڙي ٿو سينگ سَجي،
ڪنهن وقت وڃائي چار وڃي،
آ ڀَهرو منهنجي پَل پَل تي.

ڇا، ماريءَ جا تارا نہ ڪَيان؟
ڇا، دل جي ڳالهہ مڃي آڌران،
ڪنهن پوري ناسي بادل تي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

کوناريءَ جڏن ڪيتي بندر،
سانجهيءَ سونُ پکھاريو آهي،

آ گِل، پاچل، وادِ، ڪُپيءَ تي،
پيڙيءَ پيڙيءَ هاريو آهي.

رنگُ شفق جو گوڙها گوڙها،
جڻ ڪا سڙئا گانءِ ڏيي ٿي،

ڏيري ڏيري پَر تهي، ٻَرتي،
ڪاري ڪُنڊي رات لهي ٿي.

چانهه-چُڪي پي، ٽاٽي-مُنشي
قيدي واڙي ڪُجهه سوچي ٿو.

'چور ته ناهي، ها پر....' ۽ پو
واتُ لڙاڙي ڪُجهه سوچي ٿو.

'هِن جو پيءُ سُپائي پنهنجا
ڏورَ ڏِڱا سڀ وڪڻي ايندو.

'ٽاٽيدار گهڙيا تي سَت سَوَ
'مان پانيان تو تي سَوَ ڏيندو!'

واهيري جي وِيرَ پيل ۾،
ٻويان پنڇي چوُن چوُن ڪَن ٿا،

سارو جَڙ تَر سانت پيو آ،
گهرَ گهرَ مڇر ڀڻ ڀڻ ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙي وينگس
چَجُ چِڙي، تي—
آنُ ڪَڻن تي اُڏري آئي
ڪانوُ تڙي تي—
هُن جا ٽيئي ٻار ٻُڪايَل،
ڏيءَ رڙي تي—
هيل به تَرُ ۾ سوڪَهڙو آ،
پوکَ سڙي تي—
ڏِسُ ته وڏيرو آ، وَهڙو آ!
گهات گهڙي تي—
باکَ ڦٽي تي،
شامِ لَڙي تي—
لاڙي وينگس چَجُ چِڙي تي.

## ٥

## (ويڙهاند ڪان پوءِ)

واڙيءَ ۾ ويڙهاند ڪيائون،
رَتَ رَتائون نـاڙيءَ تي....
چنڊُ گهتتا ۾ گـائون مـائون،
ريتـو رَتَ کهاڙيءَ تـي۔

لالُ لتهوءَ ۾ ٽپڪا ٽپڪا
توريءَ وَلَ جا پيلا گل،
واءَ وَڻن ۾ سڏڪا سڏڪا....
هـاءِ ڪيسانو! ڪيڏي پَل!

ڇوڙي ڇيڪُ ڪتا آيو آ
تـاٽيـدارُ آتـالـي سـان،
اَجَ اُجهائـي هڙ وڃـٽو آ،
ريتي رَتُ جـي پيالـي سـان۔

هُن ڪي نه ڏني جنهن ڏرُ به وَڏي،
سـا ڏوهـي اڳرائـيءَ جـي۔
تو چنڊُ ڏسي ڇـڻ سيسَ ڪـڏي،
ڏي۔وَٽُ پيسي پائـيءَ جي۔

ڏوهـي هڙنيـدي ڏور وڏيـرو
مُرڪـي وينو مـاڙيءَ تـي....
چنـڊُ گهتتا ۾ پيرو پيرو،
ريتو رَتَ کهاڙيءَ تـي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

[جلاوطن ساٿيءَ جي موت تي]

اُڏرئي نيي طوطي وڃ پيئي نيي وڻ تي،
مُدت ڏي وڇڙي آئي جنڊڙي ٻرڻ تي،
آلا لوابي.........

(هڪ سرائڪي لوڪ گيت)

---

موت تنهنجو جلاوطن ساٿي!
ياد آيو تہ دل پڄي پيئي....
اوچتو ڪنهن پهاڙ جي ڇاتي
ڇيت جي ڇڙت سان ڇڄي پيئي!

ڪنهن ڪئي جو پنر جنم جي ڳالهہ،
تهڪ گهٽجي نيڙي نهوڙي ويا؛
لڙڪ منهن تي لڙي نہ آيا ڪالهہ،
جيءَ جهوبي ويا جهنجهوڙي ويا.

ڪيئن ڇڄي ڪڏهن هوائن ۾
تي ميتيءَ سان وڙي مڪا ميلو!
ڪير ڳولي وڃي ڳهٽائن ۾،
سير ۾ جئي پڄي پيو نماڻو!

منهنجا سنگتي وڃين وڃن وارا!
موت آسان، زندگي مشڪل-
دور آڪاش ۾ رلڻ وارا!
ڌرتيءَ جي گهڙي گهڙي مشڪل.

اڄ ڪَرايون لنهو لنهو آهن،
پو بہ زنجير نيٺ ٽُٽڻو آ؛
پاڻ‌ڙيءَ ڪنڌ تبي بہ ٿا ڪاهن
پير پنهنجا، تہ پنڌ ڪَٽڻو آ.

جي سُٺياٺي قدم ڇُمي پنهنجا
ڪاٻہ منزل، تہ تون ڪٿي هوندين؟
هناءِ، مُنهنجا جلاوطن پيارا!
جي گهڙي ڏِل، تہ تون ڪٿي هوندين؟

٥

## [ڦولان ماڇاڻي]

ڪاري جي ٻوري ۽ ماڇر جي ڇوري، ٻنهي جو انت ڪنهن به نه لڌو آهي— هڪ چوڻي.

---

ڦولان هڪ ماڇاڻي هُئي،

ڳاڙهي ڇٽيت اڇي ۽ ڦلڙي ۽ سان
ڳربي ۽ تي پابندي هئي؛
سيج ڪڻي ۽ سان ايندي هُئي جنهن،
ميائي مهڪي ويندي هئي،

ٻيرڙ مٽان هوءَ ويندو ناهي،
ڏينيوڙي نه ڏيکيندي هُئي—
رَمو، مٺو، خانو، خيرو،
ڪنهن کي وَجهه نه ڏيندي هئي.

هَس ڏنا تي ڪَاٺ هالورا
ڇا ڇيا نندي ۽ ننڍي ۽ تي!
روز آڏي ۽ تي اِئن ايندي هُئي،
ڪونج لهي جنهن ڪنڍي ۽ تي.

پوءِ ڪندي هُئي پيرا پيرا
وَڏي ڏئي سينگاري ۽ کي،
آڇايندي هُئي آڇتا ڇاڙ،
سيج روپهري ۽ واري ۽ تي.

سانجهيءَ جو هوءَ سونيون سُرڪيون
پر ٽي چمڪائيندي هئي،
ڪينجهر جي مَدمست هَوا ۾
ڏُور ڏسي ڳنائيندي هُئي.

هَرَ هَرَ جو هُنَ ڳالهه پڏي هئي
تُوريءَ ڇام ٻماچيءَ جي،
سوچيندي هئي، ’اڇو آهي
جهونجهڪڙي جو جهومر ٽي...

’هُن جو سيج سمان پرين آ،
نيٺ تہ تڙ تي اچڻو آ!
پنهنجا جيءَ جواهر سانڍي،
ٽيسين مون کي ڍڄڻو ا—

ڪينجهر نيٺ هندورو ٿيندو،
جي ڪا آنبر هيبر لڳي!‘—
هرڪ تہ هُن تي هر ڪنهن هاريو،
پيو بہ پرولي ڪنهن تہ پڳي.—

ڦولان ڪنهن جي راڻي هئي؟
ڦولان، سچا ڦاچائي هئي آ—

---

وينديو— وارن جو ڇاو، جو نيهگريون نيرڙ تي لٽڪائينديون آهن.
هاڻوڪا— چلڪا.

٥

[ ٻه ساٿي ]

ڪاري رات، ڪُوڙي ڦُڙ ڦُڙ،
ويرو تار رهتي آ رم جهم....
ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ، ٽم ٽم، ٽم ٽم،
'هن پاسي مڙ! هن پاسي مڙ!

'هيءَ ڳهتي آ هڻ جي گهر جي،
'ايڏو ڏاڍيان ٺڪ ٺڪ ڏر جي!
'ننڊ پيو آ... اُف، هي چاهي؟
ڪجهه ٻه نه، وڻ جو پاڇو آهي،'

ڪاري رات، ڪُوڙي ڦُڙ ڦُڙ،
ساري رات رهي آ رم جهم....
ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ، ٽم ٽم، ٽم ٽم،
'چُپ! ايڏو لُڙ! چُپ! ايڏو لُڙ!'

'رستي تان هُو ڪير وڃي ٿو؟'
'سرڪاري جاسوس لڳو ٿي!'
ٺڪ ٺڪ! ٺڪ ٺڪ! 'ننڊ پيو آ!
'هائي ڇا ٿئي؟ ڏيڊ وڳو آ!

'جهڙ به ته ڏاڍو گهاٽو آهي،
'ڄڻ ڪو وهم جو ماٺو آهي؛
'پيالو آهي ڦاٽو آهي!

'هاڻو، جهڙ به ته ڪارو آهي!
'جگنوءَ جوت نه تارو آهي...
'ڇڙو ڪو هٿائي چارو آهي!'—

٥

ڪارو ڪانگ پريان پڙنم ۾
آپيو آهني، آتنو آهي-
مون کي گهوري مات ڪڙو آ،
هونءَ تہ هو وَڏ-واتو آهي.
شايد سوچي تو تہ اَڃا مون
گيت اڌورو ڳاتو آهي.
شايد سوچي تو تہ اڃا هي
انگ انگ نہ ماتو آهي.
ڇڙ تہ ڪنياتو ٻاتو آهي!
پوءِ بہ ڏاڍو آتو آهي-
ڪارو ڪانگ پريان پڙنم ۾.

٥

گهايل سوار ڪي
ڪارا ڪُميت تون
ڪيڏانهن نيندين؟

اوچي پهاڙي، ڏاگها ته ڏيرا،
چارا هڇارا، ٻاڏري نه ٻيرا،
ٻٽر پراهان تربچا تڪيرا،
آ روهه رانيو، ٽيي سانجهه ويرا....
اڄ شهريار ڪي
ڪارا ڪُميت تون
ڪيڏانهن نيندين؟

گهڙ گهٽ هوا جا ڪُڪرا آڏائن،
چڻ گرز ڪيئي تا ڦڙڦڙائن؛
تنهنجي هني تي هاڇا وڏائن،
ٿو گهاو هڻ جا ويتر چيڪائن....
هين بيقرار ڪي
ڪارا ڪُميت تون
ڪيڏانهن نيندين؟

---

ڪُميت ـ ڪارپ مائل ڳاڙهو ناسي گهوڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

هو چوَن ٿا ـ

تون وڏو غدّار آهين،
زندگيءَ سان پيار آهين،
موتَ کان انڪار آهين!

ديس سارو خودڪشيءَ جو
جيڪڏهن سوچي، تہ تون چو
تو جهلين اُن کي آڪيلو!

ڏينهن ڏي تو چو، ڏنو؟
رات قسمت جو چنو آ،
موتُ هرڪنهن کي مِٺو آ ـ

تون وڏو غدّار آهين،
تو آڪيلا ناهہ ناهين،
۽ نرالا چاهہ چاهين!

مان چوان ٿو ـ

زندگيءَ سان پيار آهيان،
موت کان انڪار آهيان،
انَ ڪري غدّار آهيان!

ديس سارو خودڪشيءَ جو
جيڪڏهن سوچي، تہ پو چو
مان جهلايانَ اُن کي آڪيلو؟

ڪَنڌَ جو ڪو سَنڌَ آهي،
موتَ تي ڪو مَنڌَ آهي،
جو هنن سان ڳنڍَ آهي!

چا، هنن سان ناهہ ناهيان،
۽ هنن جا چاهہ چاهيان،
جيڪڏهن غدّار ناهيان! ـ

٥

جيت لُڪَ لڳي، جيت آڪَ تپن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جيت سيجَ ڦلا تي نڪري ٿو
۽ آگ اُلا ٿي نڪري ٿو،
جيت ڏينهن ڪڙهائيءَ جيئن ڪڙهن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جيت ڪاري اُسَ ڪنوارن تي،
۽ ويڙهيچن جي وارن تي
تا واريءَ جا وسڪارُ ٿين،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جيت ماڪڙ ماڪڙ ٻوٽن تي،
۽ گرم هوا جي جهوٽن تي
تا جهانگيڙا جهونجهار جيئن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جيت آنڌ آڪَس ۾ گهارن ٿا
۽ تيڙڪي تاڻو تارن ٿا،
جيت مينهن-ڦڙيءَ جي لاءِ مَرن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جيت ڪيئي صدين سالن کان،
ٻنولارن کان پاتالن کان،
تا ڌرت آچن، ڌهڪاوُ پوَن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ساوڻ نيٺ تہ وسڻو آ
۽ گاهہ گسن تي گسڻو آ،
جيت نيٺ ڪڏهن ولهار وسن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

آ آسُ اِها هڪوار وسن،
۽ جر ٿر ويروتار وسن،
۽ ٻادل ٻرسي ٻسُ نہ ڪن!
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!
سو ديسُ..........................

---

تيهلا واريءَ جا ڏڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

[ٻہ واڪا]

ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ!

آڌي رات، اُنڌ ۾ ڪانيو،
اکيتان چوهڙ لڪ
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ!

راڳي وانگر واءُ رڙي ٿو،
ڏورانهين ڪان ڏڪ!
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ!

آيرو اُيڻ، ڪنوڻ جو ڪجڪو،
هاڻ اڪيلو آڪ!
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ!

.... .... ....

ساڌو آ ڏونگر ڪان ڏاڍو-
جي ڪو تو ڪي شڪ!
مسافر!
ڪٿي نہ پڇبو ٿڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڌي رات، اُتر ۾ ڪانيپو،
اڳيان، چوُهڙ لَڪَّ ـ
مُسافر!
ڪٿي نہ پڄبو تَڪَّ ـ
مسافر!
ڪٿي نہ پڄبو تَڪَّ ـ

چوُهڙ لَڪ ـ هڪ اوچي لَڪ جو نالو، جنهن مان لنگهي، ٿاڻي بولا خان ڏانهن وڃبو آهي، ۽ جنهن جي اُتر ۾ ڪانيو پهاڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا ٻَـنَ سيني کي **چـوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر ٻَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)